# موهن ڪلپنا جون تحريرون- 1



سنڌي ساهت گهر

# موهن ڪلپنا جون تحريرون- 1

[ناول- زندگي ۽ درد جو درياهه]

موهن ڪلپنا

مرتب: ناز سنائي

سنڌي ساهت گهر- حيدرآباد، سنڌ.

١٩٩٧ع

## ٻه اکر

موهن ڪلپنا جو نالو ٿو اڳيان اچي ته سنڌ جو هڪ جُدا تصورَ به ذهن ۾ ٺهي ٿو اچي. سَمورا لکندڙ سنڌ ۽ سنڌي زبان سان پيار تا ڪن پر موهن جو پيار اهڙو آهي، جو اُن جي پيار تي پيار ٿو اچي.

سنڌي ساهت گهر فيصلو ڪيو آهي ته موهن ڪلپنا جون سموريون تحريرون، ڇپائجن. اُن سلسلي جي هيءَ پهرين ڪڙي آهي، جنهن ۾ هُن جا ٻه ناول 'زندگي' ۽ 'درد جو درياهه' شامل آهن.

اُميد ته اسان جي اداري طرفان هن جا ٻيا ڪتاب به جلد پڌرا ٿيندا.

**ناز سنائي**

آفيس نمبر 18، سيڪنڊ فلور،
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ،
حيدرآباد، سنڌ.
فون: 784350

# زندگی

# ٻه اکر

قلمڪار جو عام ماڻهن جي ’زندگيءَ‘ سان انتهائي ويجهو ۽ قريبي ڳانڍاپو هوندو آهي. انساني زندگي، هن سماج جي گهاٽي ۾ کهڙي نموني تي پيڙبي رهي، انساني زندگي هن سماج ۾ ڪيڏن نه ڏکن، ڏولاون، اهنجن، ايذائن، عذابن ۽ مصيبتن ۾ پئي گذري ۽ اڄ جي انسان جي ’زندگي‘ ڪيڏي نه پيڙا ۽ غم ۾ پئي گذري، ان سموري زندگيءَ جي ذري پرزي جي فوٽو گرافري، ڀيانڪ ۽ غمناڪ، اصل ۽ سچا منظر ڏسڻا آهن ته حساس قلمڪار جي تحريرن کي ڏسجي، قلمڪار جي تخليق کان سواءِ اسان کي ٻئي ڪنهن هنڌ اهي منظر چٽا ۽ واضح نظر نه ايندا. ان جو سبب رڳو هيءُ آهي ته اديب، عام ماڻهوءَ جي درد کي انتهائي ويجهائپ کان ڏسندو آهي ۽ ڏکي دل ۾ پيهي ويندو آهي. ان جو انتهائي ٻاجهائپ ۽ پيار سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪندو آهي. هو هر ماڻهوءَ جي درد کي پنهنجو درد سمجهندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هڪ حساس ليکڪ جون لکيون پڙهبيون ته اهي اسان کي غم مان ٻڌي نڪتل محسوس ٿينديون ۽ سمورو غم، اسان کي ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جو نه پر خود اديب جو ئي لڳندو آهي.

اديب، هن ڏکي، غمناڪ، ڏکاري ۽ وياڪل انساني زندگيءَ مان ڏک ۽ درد، غم ۽ ستم، ظلم ۽ جبر ڪڍي ان کي خوشين ۽ سرهاين ۾ تبديل ڪرڻ جو خواهشمند هوندو آهي ۽ سدائين پيو ان ڏکن ڀري زندگيءَ کي سکن جي سيج تي سمهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ سچ هيءُ آهي ته انساني زندگيءَ جي خوشين ۽ سرهاين جا سمورا ذريعا جيڪڏهن ادبين جي هٿ وس هجن ته هوند ڪٿي ٻه ڪائي ڏک جي جهلڪ نظر نه اچي. چوطرف خوشي، محبت، پيار ۽ امن جي بادشاهي نظر اچڻ لڳي.

اهڙين ٻه ناهي ته هر اديب وٽ ماڻهن جي درد جو دارون موجود هوندو آهي. درد کي ڄاڻڻ ٻي ڳالهه هوندي آهي، درد جي دوا ڪرڻ ٻي ڳالهه. هڪڙن وٽ نراسائي ۽ نااميديءَ جو علاج خودڪشي هوندو آهي. فراريت هوندي آهي ته ٻين وٽ ماحول سان جهيڙا ۽ جهڳڙا ڪري، هر رڪاوٽ سان مقابلو ڪري/ زندگيءَ کي سڦل ۽ بهتر بڻائڻ هوندو آهي. پهريان، قوم جي

# مهاڳ

رات جو ٻين بجي ناول جو آخرين حصو لکي پورو ڪيو اٿم ۽ هينئر جڏهن آفيس ۾ ڪم آهي ڪونہ، تڏهن سوچيم اتي ئي پاڻکن سان ٻہ چار سڌيون ڳالهيون ڪري وٺان، سو تہ مان ڄاڻان ٿو تہ چند گهڙين بعد ڪو ڇوٽو موٽو 'باس' اچي مٿان بيهندو ۽ جو سوال ڪندو، اهو ضرور رومانوي هوندو: ڇا پريم پتر لکي رهيو آهين؟.

ڪوبہ 'باس' سنڌي ڄاڻي ڪونہ، مسڪراهٽ سان ئي ڪم هلي ويندو.

ان بعد، ممڪن آهي، مون کي شخصي ڪم ۾ مشغول ڏسي، ڪوئي ڪلارڪ دوست، پنهنجو ڪوئي آفيسي 'ڪم' مون کي ڏيئي- ڏيئي لکڻ ۾ ڪنڊن وجهي، پوءِ بہ ڇا ٿيو؟ ناول لکندي، رکي رکي زندگيءَ ٻہ تہ منهنجي ساڌنا ۾ ڪنڊن پي وڌو آهي.

هن ناول کي مون ١٩٥٤ع کان لکڻ شروع ڪيو آهي. لکيو آهي ۽ رد ڪيو آهي. وري لکيو آهي ۽ رد ڪيو آهي. 'آواره' جي ظاهر ٿيڻ بعد 'لگن' پريس ۾ ويو جو هن کي لکڻ شروع ڪيم. ان وچ ۾ 'عورت' 'اڃا رات باقي آهي'، 'ڏينهن جا تارا' ۽ 'نئين نظر' (پويان ٻہ ناول اڻ ڇپيل) بہ لکيم؛ ليڪن هن ناول کي پورو ڪري نہ سگهيس. وچ ۾ ڪهاڻي، مضمون، تنقيد ۽ ناٽڪ تي بہ قلم آزمائي ڪندو رهيس، ڪوئي، 'نرملا' کي ڇڏي ڪيڏانهن ويو (جو ناول اڃا مڪمل ڪري نہ سگهيو آهيان) ان تي بہ چگو لکيم... ۽ هن ناول جا ڪردار منهنجي ذهن ۾ ايرندا رهيا، Mature ٿيندا رهيا ۽ آخر انهن ڪردارن بغاوت ڪئي ۽ مون کي پنهنجو سمورو ڌيان انهن تي ڏيڻو پيو... پوءِ بہ، منهنجو انهن ۾ موهہ پيو، ائين ڪونهي. موهہ بنا پلوڪتا گهٽ رهندي آهي؛ اهو مان ڄاڻان ٿو ۽ اهو بہ نہ؛ موهہ ۾ انياءَ جو پرواهہ رهي ٿو؛ ۽ ڪلاڪار کي انياءَ جو پاسو نہ آهي وٺڻو.

ناول اڃا پورو ئي نہ ٿيو هو، جو اوسي پاسي جي ٻين ڪردارن چلائي چلائي منهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو ۽ انهن کي ٻڌي پورو ڪيم تہ هن ناول جي ڪاپي گم ٿي ويئي. 'زندگي' جي ڪردارن ۾ منهنجو موهہ برابر

جو اسان جي اوسي پاسي آهي، اسين ان جو هڪ حصو ٿا بڻجون!
۽ پوءِ هو ويندا رهيا. هو ويندا رهيا ته مون کي پنهنجن نقادن دوستن جون ڪي شڪايتون ياد آيون.

١- ڪلپنا جا ڪردار سوچيندا گهٽ آهن. اهي نه رڳو سوچيندا گهٽ آهن، ليڪن گهرو به سوچيندا آهن!

٢- (الف) ته ڪلپنا جا ڪردار زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ خط ضرور لکندا آهن!

(ب) ۽ اهي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سپنو به ضرور ڏسندا آهن!

پر مان ڇا ڪريان؟ منهنجا ڪردار، شيلف تي رکيل ڪتابن ۾ اندر نه، ٻاهر رهڻ چاهين ٿا. پوءِ جي ٻاهر رهندا، اهي ڪم پئي خط نه لکندا ٿي. سنگهرش ڪندي خواب نه لهندا ٿي. ڪن پنهنجي نقاد دوستن سان اها شايد گستاخي ڪندو هجان جو مان پنهنجن ڪردارن کي سمپورڻ آزادي ڏيان ٿو ته هو زندگيءَ ۾ جو مناسب سمجهن، ڪندا رهن ۽ ان لاءِ رکي رکي التجا پري نهار سان مون ڏانهن يا منهنجي نقاد دوستن ڏانهن ٻاڏائيندا نه رهن. ڇو جو هو جنهن يگ ۾ رهن ٿا، اتي آلوچنا خود رهي ٿي؛ پر اها آلوچنا هنن کي، سوچڻ، سمجهڻ، خط لکڻ يا خواب ڏسڻ کان مجبور نٿي ڪري. ڇو ته يگ جي آلوچنا انسان جي سياويڪ زندگي جيئڻ جو اڌيڪار تسليم ڪري ٿي.

**موهن ڪلپنا**

(بلاڪ سي ڏهه روم
پنجونجاهه سنڌونگر ٥)

٣٠ جنوري ١٩٥٧ع
٢ فيبروري ١٩٥٧ع

انسان جي تزديک اچي ٿو. نقطہ چين ان عملدار کي پڙن پڙن ڪري ونئي ويا، "پوء دنيا کان مدد وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

... مدد ملي ٿي، تڏهن تہ نعمت آهي! ليڪن پلوء کي پڪڙي ڪير؟ غلطي ڪئي آهي؟

غريب گوبند چيو: گومي هيء گل وٺ. غريب نہ هجان ها تہ سوني منڊي ڏيانء ها.

گوميء چيو: مون لاء هيء گل سون کان گهٽ نہ آهي. ليڪن جڏهن راجوء ريکا کي سوني منڊي ڏني تہ چوڻ لڳي: باغ ۾ هزارين گل موجود آهن، هک گل ڏين ها، خوش ٿي وڃان ها. هن ڏيک جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

وٺڻ وارو پل سب وٺڻ نہ چاهي، ليڪن ڏيڻ وارو تہ سب ڪي ڏيڻ چاهيندو نہ؟ شاهجهان کي تاج محل ٺهرائڻ ڪپندو هو يا نہ، اهو پل سياستدان سوچيندا رهن، ليڪن پنهنجي محبوب جي ياد ۾ تاج محل ٺهرائڻ سپاويک تہ آهي ئي، پنهنجي پريميء سان 'ايک چوٽا سا گهر' جي ڪلپنا سپاويک آهي، ليڪن پنهنجي پريميء جي حياتيء جي يادگار ٺهرائڻ جي تمنا چا آسپاويک آهي؟

ليڪن ان سپاوڪتا کي ڏسي ڪير ٿو؟

نہ، مان نراش نہ آهيان، نراشاواد جي ريکائن تي سوچڻ جي عادي آهيان، ائين بہ نہ آهي. صرف چيم ٿي تہ اصل ۾ انسان ئي حالتن کي ئاهي، بگاڙي ٿو.

چگو ميجي تہ دنيا ۾ هک پارٽيء جو راڄ ٿي وڃي ٿو ۽ طبيعت رکي هٺڻ سبب پارٽيء جون مکيہ پڳون اعلان ٿيون ڪن تہ اڄ کان مسڪرائڻ تي بندش آهي. ڪهڙيون حالتون پيدا ٿينديون؟ پهرين سڄي دنيا جيل خانو ٿي پوندي، پوء پاڳل خانو. ۽ پوء؟ هر پوء کان پوء انقلاب هوندو ئي آهي ۽ اها 'پوء' تيستائين قائم رهندي، جيستائين ڪي بہ ماڻهو مختلف ريکائن تي سوچڻ جا عادي هوندا. جيستائين سيني آدرشن جي ايڪتا ۽ پاوناڻن جي سمانتا نہ آهي، تہ ٽڪر تہ لڳندا ئي. ان سچ کي جيستائين دنيا تسليم نہ ڪيو آهي، اتهاس جا ڪيترا ورق خالي رهندا ۽ ضرور رهندا.

مون نهڪ ڏنو.

"ان ۾ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"هاڻ مان ڇني ڪيڏانهن ڪنديس، هڪ ته گهر اڃي ويو آهي؛ ٻيو برسات ذري گهٽ بند ٿي چڪي آهي."

"متان سياڻ برسات پوي ته؟"

مون وري به نهڪ ڏنو.

"دل ۾ ڇا سوچيو اٿيئي؟" پڇيو مانس.

هن جو منهن ٿورو ننڍو ٿي ويو، پر يڪدم پاڻ تي قابو پائي مسڪرائي چيائين، "سوچڻ جو ڪم دماغ ڪندو آهي، دل نه."

"ته سچ پچ ڪجهه سوچيو اٿئي."

"ها، سوچيم مون وٽ به ڇٽيون آهن، هڪ توکي ڏيندس ته تون تڪليف ڪان..."

"ڇٽي پونديس، ۽ جڏهن مرداني ڇٽي کٽي بزار مان لنگهنديس، تڏهن ڪهڙيون مشڪلاتون پيدا ٿينديون؛ اهو ذرو به نٿو سوچين."

"ماڻهو بيوقوف آهن."

"اسين به ته ماڻهو آهيون."

"نه، اسين ماڻهو نه آهيون."

"چڱو، ان تي پوء سوچينداسين ۽ هاڻ هلان ٿي، تڪليف لاء معاف ڪج."

"ڏس، ماڻهو تڪليفون ڏيندا آهن، ليڪن معافي نه وٺندا آهن، تو تڪليف ڏني به ڪانهي؛ تڏهن به معافي ورتئي، تڏهن ته چيم ته اسين ماڻهو نه آهيون ۽ ماڻهو بيوقوف آهن."

مان ڪلندي گهر هلي آيس.

ٻئي ڏينهن برسات ڪونه هئي. 'اسڪول' پهتيس ته ساهيڙيون سوالن متان سوال ڪرڻ لڳيون:

... ڪڏهن ڪان سجائينس؟

... ڪهڙين ڳالهين تي ٻنهي نهڪ پئي ڏنا؟

... گهر ٻاهران ناٽڪ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ وغيره.

"معاف ڪج سنڌو، اهو سڀ مونکي پسند نہ آهي. رشتو جو سياويڪ آهي، مان اهو پسند ڪندو آهيان. نندا يا تنقيد سبب ڀي پاسي پاسي ڪان هلندڙ گڏ ٿي وڃن يا صفا دور ٿي وڃن، تہ ان ۾ خوش ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ڪو دور ويندو تہ ڊپ سبب، نزديڪ ايندو تہ ضد سبب. نندا يا تنقيد جو رد عمل (Reaction) سياويڪ ضرور آهي، ليڪن رد عمل ئي سياويڪ آهي. رشتو ناتو سياويڪ نہ آهي."

ان بعد مون ڪجهہ نہ ڳالهايو. موڪلائيءَ جي سيما تي نمسڪار ڪري موڪلايم، ليڪن چاهيندي بہ ماني ڪائي نہ سگهيس. وٺي ئي نہ پئي. يڪايڪ من جي ڪنهن حصي مان سوال اٿيو! مان ڇا هن سان پيار ٿي ڪريان؟ ليڪن مون تہ هن کي پورو سمجهيو بہ ڪونهي. سمجهي نٿي سگهان،ڇا تڏهن ئي ٿي پيار ڪريان؟ نہ نہ، اها بيوقوفي آهي. مان هن کي پيار بلڪل ....بلڪل نہ ٿي ڪريان، هن منهنجي ڳالهہ نہ مڃي آهي، تڏهن ئي مونکي ڪجهہ نٿو وڻي، ڪجهہ نٿو وڻي. وري ڪڏهن ملندو؟ وڪيشن بعد! وري نہ ڳالهائيندي سانس. مونکي بہ عزت آهي، آتم آهي. هو دور وڃڻ ٿو چاهي تہ مان ڇو سندس هٿ پڪڙي چوان: نہ وڃ شيام نہ وڃ.

وڪيشن بعد گڏجڻ ٿيو؛ ائين ڪونهي. پورو ياد بہ نٿو پوي تہ ان نہ گڏجڻ سبب ڪيتريون راتيون اکيون ننڊ سان ناهہ ڪري نہ سگهيون. اوجاڳا ڪرڻ جي عادي هيس، ائين بہ ڪونهي، پريم ٿي ويو هو؟ نہ، ائين بہ نہ هو. اها بي آرامي، هن جي سخت وهنوار جي پيدائش هئي؛ مون لاءِ اها حقيقت هئي ۽ جيترو مان حقيقت پرست ٿيس ٿي، اوترو ئي ننڊ اکيان هٿ جوڙ ٿي ڪرڻي پيئي. پهرين تہ ننڊ ايندي نہ هئي، ننڊ جو خمار ايندو هو، پر جڏهن ننڊ ايندي هئي تہ اوجاڳي جو خيال ڪٿي ايندي هئي. هر خيال سان هڪ اڻ چٽو چتر بہ ذهن ۾ ابري ٿي آيو ۽ اڪثر رات جي پوئين حصي ۾ مان انهن چترن جي دنيا ۾ گم ٿي ويندي هئس ۽ صبح جو هڪ هڪ چتر تي سوچيندي بہ هئس. منهنجو سوچڻ بہ اهڙو مبهم هوندو هو جهڙا چتر اڻ چٽا هوندا هئا.

هڪ چتر ۾ هو اڪيلو ئي نير ڪٽي بيٺو هو. ڏسڻ ۾ صرف اکيون ئي ٿي آيون. تڏهن ان چتر کي ڏسندي، خيال آيو تہ جيڪر انهن اکين ۾ سمائجي

ٺاهہ ڪري شانت ٿيو وڃن. مان شانت ٿي ويندس. هوا جي جهونڪي ۽ طوفان وچ ۾ تفاوت آهي. تڏهن تہ چيم: منهنجو هن سان پريم آهي؛ ائين سوچڻ پاڻ کي پنهنجي نظر ۾ ڪيرائڻ آهي.

پوءِ مون پنهنجو سمورو ڌيان اسڪولي ڪتابن ڏانهن لڳايو. پهرين تہ من لڳو ئي نہ ٿي. ليڪن پوءِ من اهڙو تہ لڳي ويو جو هاڻ اوجاڳن کي منت ميڙ ڪرڻي ٿي پئي، سوچيندي هيس: آرام جي سيني ساراهہ ڪئي آهي/ ليڪن ڪڏهن ڪنهن بي آراميءَ جو آنند وٺي ڏٺو آهي؟ رات جو ڪٽ تي پاسا ورائي، تارا ڳڻڻ، ڪجهہ ڳڻي منجهي پوڻ، وري ڳڻڻ ۽ ڳڻيندي ڳڻيندي تارن کي وساري جيون جي غم، خوشي، عجب جا خيال ڪرڻ. ڪڏهن مان خيال جي پٺيان، ڪڏهن خيال منهنجي پٺيان. ڏسندي وڃ جي چمڪاٽ جيان؛ هڪ چتر ڏيکاري لڪائي ڇڏيندو، جلان ڦتڪان پر روشني نہ ٿئي. وري ڪڏهن چار ٻئجي اهڙو تہ سوکهو جهليندو؛ جو ڦتڪڻ بہ مشڪل ۽ ان دوران ۾ جسم جي نس نس مان خون جي هڪ سنگيت ڌارا ڇلڪي اٿي. ڏسان تہ مست گگن ۾ جهومان ۽ ڳايان پيئي.

تڏهن کان منهنجو اهو بہ وشواس ٿي ويو آهي؛ دل جي بہ هڪ دنيا ٿيندي آهي. هر پينگهہ جو هڪ آڌار ٿيندو آهي؛ ليڪن دل جي دنيا ۾ جهولي ۾ جهولبو تہ آهي؛ ليڪن ان جو رسيون آسمان ۾ ڪر تي ويل نظر ايندي اهن. آسمان تہ ڪوڪلو ماحول آهي؛ جنهن جي ڪائي سيما ڪانهي، جو نالي جو ماحول آهي، ليڪن جو ماحول بہ ڪونهي. تہ چيم پي، دل جي بہ هڪ دنيا ٿيندي آهي جا اهڙي تہ وچتر ٿيندي آهي جو اها وچترتا خود هر انسان ۾ اچيو وڃي ۽ جيستائين ڪو فرد هيومن سئڪالاجي جو اڀياس نٿو ڪري، اهو فرد بہ منجهيل رهي ٿو ۽ پين جي مونجهہ جو بہ سبب بڻجي ٿو. شيام سان سهواس ۾ نہ اچان ها تہ جن ڪتابن جو مون مطالعو ڪيو آهي، اهو شايد زندگي ير ڪري نہ سگهان ها ۽ پوءِ شايد هن آڪاٽي ڪٽڻ جي بہ ضرورت نہ پوي ها.

○ ○ ○

شيام سان منهنجي ٽين ملاقات، ٻن سالن بعد بمبئي، ڪسٽمس هائوس ۾ ٿي. مئٽرڪ کان وڌيڪ مان پڙهي نہ سگهيس. اسان جي ديس ۾ استرين

سوال پڇيا ويندا اهي، اهڙي بلند پائي جا نہ هوندا،... جو سوال تو ڪيو آهي،...اهڙا."

مون هلڪو ڪليو.

"پنهنجن حواسن وسيلي محسوس ڪيل حقيقتن جو، اکرن، رنگن، ريکائن، اشارن، سر وغيره رستي ٿئي ڪي انيو ڪرائڻ آرٽ آهي. اهو تون بہ ڄاڻندي هونديןءَ. تنهنجي مسڪراهٽ ۾، 'پلي ڪري آئين' جو پلو اظهار هو، تڏهن چيم تہ سواگت آرٽسٽڪ آهي."

"آرٽ ڇا آهي، اهو نٿي ڄاڻان. منهنجو گهڻو واسطو انهن ڪتابن سان رهيو آهي، جن کي پڙهڻ سان نوڪري جلدي ملي سگهندي آهي."

"ءِ ساهت؟"

"نہ پڙهندي آهيان. اخبارن کي ساهت ڪونہ آهي ۽ مان اخبارون پڙهندي آهيان. وندر لاءِ سينمائون تہ آهن ئي."

"ساهت نہ پڙهندي آهين. تہ پوءِ تون ڇا سمجهندينءَ تہ زندگي ڇا آهي؟"

"ساهت ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪويتائون هونديون آهن؛ ٻيو ڇا؟ ۽ اهو سڀ پڪچر ۾ تہ هوندو ئي آهي. پڪچر ۾ تہ سنگيت بہ هوندوآهي. فوٽو گرافي ۽ ٻيو بہ ڪجهہ هوندو آهي. هڪ سٺي پڪچر، ڏهن سٺن ناولن جي برابر آهي. لئبرريءَ ۾ وڃ، دلپسند ناول ملي نہ ملي."

"ضروري نہ آهي تہ جڏهن پڪچر ڏسڻ جو موڊ هجي، تڏهن شهر ۾ سٺي پڪچر هلندي هجي ۽ پڪچر ۾ اداڪارن جي اندر جي ڪشمڪش، هٺ جي گفتگو يا اداڪاريءَ مان ظاهر ٿيندي آهي؛ ليڪن ساهت ۾ ليکڪ گفتگو ۽ اداڪاريءَ سان گڏوگڏ سندس اندر جو حال پاڻ بہ اوريندو هلندو آهي... مثلن؛ هن سوچيو تہ هاڻ جي جواب نہ ڏيندس تہ فلاڻيءَ جي زندگي برباد ٿي ويندي. اهو 'سوچڻ' فلمائي نٿو سگهجي. پڪچر ۾ تون سيني ڳالهين کي جهٽي نہ بہ سگهين، ليڪن ناول تہ تنهنجي هٿ ۾ آهي ئي. چاهين تہ روڪجي بيهي رهہ. پڪچر ڪانہ بيهندي. هزار دفعا ڏس، تڏهن بہ ڪانہ بيهندي ۽ ناول تنهنجو ڇٽيوان دوست آهي ۽ زندگيءَ ۾ سوچڻ جي وڏي معنيٰ آهي. ڪنهن 'ڇا' ڪيو، 'ڪيئن' ڪيو، اهو ڄاڻڻ بلڪل ضروري آهي،

آهن. غلط آهي! سو مان مغروري، يا بي پرواهيءَ ۾ تہ آهي. پر هو تہ مغرور کونهي. بي پرواهہ کونهي. ڳالا جي رد عمل کي سياويک کونئاين، رشتي ناتي کي نہ. هن جو مطلب شايد اهو هوندو تہ رشتو دل سان برابر ٽيندو آهي، ليڪن ان ۾ دماغ جو بہ دخل ٿيندو آهي ۽ تندا جي رد عمل ۾ دماغ دل سان ڇڻ ناتا توڙي ڇڏيندو آهي، ڇو تہ بہ ڄڻا پنهنجي اِڇا سان نہ، بلڪ ٻين جي ڳالا سان مليا آهن ۽ مان هن کان دور ٿي ويس! ڇو؟ ڇو؟

مون ماضيءَ جي تلاءَ ۾ ٽبي هڻين مس جو خيال آيم، اهو غلط آهي. ماضي حال کي بگاڙي، ان کان بهتر آهي تہ خود ماضيءَ کي پلائڻ جي ڪوشش ڪجي. اڄ آئي آهيان امتحان ڏيڻ ۽ مان سک ۽ سياويڪتا تي پيئي سوچيان تہ هو مون تي سوچي ٿو. مون لاءِ اها سک پري ڳالهہ آهي ۽ هو ڳالا جي رد عمل ۾ دماغ کان ڪم وٺي دور هٽي ويو. دور هٽڻ سياويک آهي.

پيپر بہ ڪلاڪ هليو. بعد ۾ سڀ ٻاهر آياسين. شيام ۽ مون گڏيل نموني پيپر جاچيو. هلڪو واد و واد بہ ٿيو ۽ مون قبول ڪيو تہ مون سٺو پيپر نہ ڪيو هو.

ٻنهي کي سنڌونگر پهچڻو هو. هڪ لڳو هو. ڪيس چيم. "بک لڳي آهي، ڪجهہ کائجي، ڪيئن؟"

"منهنجو پيٽ پريل آهي. تون پل هلي کاءِ."

ٻئي هڪ پنجابي هوٽل ۾ وياسين. هو ٽيبل تي رکيل پليٽ مان صونف کڻي کائڻ لڳو ۽ پوءِ پاسي واري ٽيبل تان ٽائيمس آف انڊيا کڻي ان جو ايڊيٽوريل پڙهڻ لڳو.

ويٽر اچي بيٺو. کائنس پڇيم. "ڇا کائيندين؟"

"منهنجو پيٽ پريل آهي."

مون ويٽر کي هڪ چانهہ ۽ هڪ چاپ جو آرڊر ڏنو.

ويٽر هليو ويو ۽ مان شيام جو منهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس... "منهنجو پيٽ پريل آهي." اهي لفظ هن ڪجهہ اهڙي سر ۾ چيا، ڄڻ پيٽ پريل ڪونہ هئس صرف تڪلف وچان ٿي ائين چيو هجائين. چيم. "ايڊيٽوريل ۾ ڇا لکيل آهي شيام؟"

"نهروءَ جي روس ياترا ۽ روسي اڳواڻن جي ڀارت ياترا تي هڪ سياسي

پاتو، ڪهڙو نہ انوکو ڪيل!

پر مان شانت رهيس. دل ۾ اٿيل طوفان جا آثار منهن تي ظاهر ٿيا نہ، سو ياد ڪانهي، پر اهو مان ڪيئن ٿي ڀلائي سگهان جو هن هٿ پڪڙي، قرب وچان چيو. "مون کي غلط تہ ڪانہ سمجهي رهي آهين سنڌو."

"غلط سمجهان ها تہ چپ رهي نہ سگهان ها." مسڪرائي چيم.

○ ○ ○

مون نيڪ سمجهيو هو، تڏهن ئي تہ هن سان نيڪ طرح ملندي رهيس، ڪڏهن هو منهنجي گهر ايندو هو ۽ ڪڏهن مان هن جي گهر ويندي هيس ۽ اٺين اچڻ وڃڻ جي سڏي ليڪ پڪڙي جيون- راهہ تان اڳيان وڌياسين. ليڪن سڌي ليڪ پڪڙي اڳيان وڌڻ ۾، انساني دل جي روماني آوارگي ساٿ نہ ڏنو. انساني دل جي روماني آوارگيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. ديون/ پرين جون ڪهاڻيون مون بہ ٻڌيون آهن. منهنجو اهو وشواس آهي تہ اهي ڪنهن بہ زماني جي وقت جي تقاضا تي پورو نٿيون اُترن. ليڪن تڏهن بہ ڇا انهن ۾ ڪوئي رهسيہ - ڪوئي مطلب ڪونهي؟ منورنجن ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. ليڪن منورنجن وارين ڳالهين مان منورنجن وٺڻ وارا بہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪ منورنجن ۾ مطلب وارو مذاق هوندو آهي ۽ ٻئي ۾ مذاقع بيوقوفي، جنهن ۾ تلخ مذاق جو احساس نہ هوندو آهي، اهي بي مطلب چرچن تي ڪليو ويهن. ديو/ پرين جون ڪهاڻيون ڇا صرف اهڙن ماڻهن لاءِ آهن؟ بابا چيو؛ ڏيءُ، هنن ٽن رستن مان جو رستو پسند هجيئي اهو وٺج، ليڪن هن چوٿين رستي ڏانهن نہ وڃج. ان رستي ۾ جن ڀوت اٿيئي. ليڪن ڏيءُ فيصلو ڪيو، ڀهرين اهو رستو ڏسنديس. انسان کي جنهن ڳالهہ ڪرڻ لاءِ روڪيو ويندو آهي، انسان اها ئي ڳالهہ ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ اهڙا رهسيہ، ستيہ، ديو، پرين جون ڪهاڻيون نٿيون ٻڌائين. اهڙي دعويٰ اجا تہ ڪنهن نہ ڪئي آهي، تہ، اوسي پاسي جي ٽڪرين، چوٽين موتين ندين، وشال ڪيتين ٻارين کي ڏسندي، شيامر سان اوڏانهن وڃڻ، گهمڻ، ڳائڻ جهومڻ ۽ نچڻ لاءِ دل تڙپڻ لڳي، نہ نرتيہ نٽي ڄاڻان، تڏهن بہ دل چاهيو. 'دل'، دل جو ٿي! ليڪن مان ڇا اوڏانهن وڃي سگهيس ٿي. سماج؟ سماج چوندو؛ اهو پاپ آهي. ڪنهن بہ ڪنواري ڇوڪري... رهڻ ڏيو ان کي. منع نہ ڪجي تہ روماني آوارگي جي

سومر جو ڏينهن، شو جو ليکيندا آهن، ليڪن اهو ڏينهن سومر جو ڏينهن نہ هو، ان ڪري ٿي شايد مندر ۾ ڪير بہ نہ هو. هونءَ بہ سنڌونگر ۾ مندرن، ٽڪاڻن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. ماڻهو دور واري مندر ۾ روز روز وڃن بہ ڇو. اتي جي شانت- ايڪانت فضا ۾ هڪ سوال ڪيم، "تنهن جو ايشور ۾ وشواس آهي... شيام؟"

هن گنڀير لهجي ۾ چيو، "مندر طرف آيو آهيان، تڏهن ئي تي اهو سوال پڇين نہ."

"ها."

"ليڪن مندر اڄ مندر ئي ڪٿي رهيا آهن."

"تڏهن ڇا رهيا آهن؟"

"ڏس نہ، اڄ جا مندر پراچين ڪال جي مندرن جيان ، ودياڪيندر تہ رهيا ڪونهن. وديا رستي پرڪرتي جي نيمن ۽ انهن نيمن رستي اسين ان سچ کي پايون ٿا، جن کي ڪن ڀڳوان ڪوٺيو آهي. مندرن کي ڀڳوان جو گهر صرف ان وديا جي ڪري ڪوٺيو ويندو هو. ۽ اڄ؟ شاستر پوڄا جو پرچار آهي. شاستر ۾ ڄاڻايل سچ جو نالو بہ ڪونهي. اڄ ستيہ يا رهسيہ تي نہ، چمتڪارن تي زور ڏنو وڃي ٿو. هر ڏند ڪٿا جي بنياد ۾ هڪ سچ، هڪ رهسيہ لڪل هوندو آهي. اڄ ستيہ، رهسيہ کي ڪوئي کولي نٿو. مندر ۽ ستيہ جو واسطو، اڄ دنيا ۾ رهيو ئي ڪٿي آهي؛ جو تون منهنجي، مندر طرف اچڻ جي سوال کي ڀڳوان سان ڳنڍي رهي آهين!"

"تہ پوءِ هتي اچڻ جي ضرورت؟"

"هتي ايڪانت آهي."

مان چپ ٿي ويس.

هو منهنجي منهن ۾ ڏسندو رهيو.

مون پنهنجي نظر پنهنجن پيرن ۾ ڪپائي، پير جي آڱوٺي سان زمين کي ڪڙريم ۽ پوءِ، دل ۾ اٿندڙ، شور مچائيندڙ طوفان کي سوال جو روپ ڏنم:

"هڪ ڳالهہ ٻڌائيندين شيام؟"

"چئہ."

"جيڪڏهن مندر ۾ ڀڳوان نہ آهي، اوسي پاسي پوتر وايو منڊل نہ آهي،

ٿي آهي؛ اسپاويڪ نہ. ليڪن ڪو جيڪڏهن ان ’سپاويڪ اسپاويڪ‘ تي قابو پائڻ لاءِ، ’اسپاويڪ سپاويڪتا‘ جو پردشن ڪري، اهو پردرشن اسندر تہ لڳندو ٿي، جو سپاويڪ آهي، اهو سندر آهي، جو اسندر آهي، اهو برو آهي، ان ۾ منهنجو وشواس آهي سنڌو.“

هنجون اکيون چمڪي اٿيون.

”هاڻي سپاويڪتا تان وشواس تي پهتين. ستيہ ۽ سندرتا جو سلوگن اڄا ڪن پل اڳ هنيو اٿيئي، ري شيام تون ايترو ڇيد و ڇيد ڪنڌڙ ڇو آهين؟“

”سامهون سوال جو اهڙا اچن ٿا.“ اٿين چٽي هن کلي ڏنو.

ان بعد ٻئي، مندر ۾ اندر وڃي پلٿي ماري ويٺاسين.

هن چيو، ”شو ساڪي آهي. شو جو بيل ساڪي آهي. سامهون ٽنگيل تصوير ۾، سرسوتي ساڪي آهي. سرسوتيءَ جي پاسي ۾ هٽ پڏي بيٺل گنيس ساڪي آهي.“

”نہ؟“

”تہ تون ۽ مان هتي آيا آهيون.“

”خوب! هڪ دفعي، گاڏيءَ ۾ ساهيڙيءَ ڪان ٽئگور جو هڪ ناول ورتو هئم. نالو شايد Last poem هئس. مون تہ پنڌرهن ويهہ صفحا پڙهي ڇڏي ڏنو، ڇو تہ، هڪ تہ مان ساهت پڙهان ڪانہ ۽ ٻيو مون ڪي بحث. مباحثا وڻن ڪانہ. ليڪن ان ۾ هڪ ڳالهہ دلچسپ هئي، ڇوڪرو ڇوڪريءَ سان، پريم ۾ نہ هئو، تڏهن بہ هن سان هميشہ ملندڙ هو. اسٽائيل ۾ ڳالهائڻ هن جي عادت هئي. هڪ دفعي هن ڇوڪريءَ کي چيو: فلاڻي، تون آهين ۽ مان آهيان. چنڊ آهي ۽ تارا آهن. ڇوڪري واٽڙي تي ويٺي. سوچيائين اها ٻولي تہ پريمي ڳالهائيندا آهن پر پوءِ خيال آيس تہ ڇا ٿيو جي اسين ٻہ، چنڊ تارا آهن. هو ماحول کي اسٽائيل سان پيش ڪري ٿو، ان ۾ پريم جو ڪهڙو سوال آهي. اڄ تون بہ اسٽائيل ۾ ڳالهائي رهيو آهين. سڀ ساڪي آهن، مگر ڇا جا؟“

”اسان جي ملڻ جا ۽ ان ’ملڻ‘ جو پس منظر ڪهڙو آهي. اهو ٻيو ڪير ڄاڻي يا نہ، اسين ٻئي تہ ڄاڻون ٿي ٿا. رهڻ ڏي اسٽائيل کي؛ ليڪن تنهنجي سوال جي تهہ ۾، دل جي دنيا جي ساڪي هئڻ جو ثبوت آهي ۽ ان تهہ جو بنياد پئدا ٿيو آهي، ٽئگور جي Last Poem مان تہ اسٽائيل نہ آهي ڏسٽو.

مون ساهت پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو.

شيام جي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکيم؛ تہ:

ساهت - ڪلا جي رچنا، ان جي آنند ۽ سکيا جي احساس ۾ مخمور ٿي پاڻ ڪوئڻ يا گهري سوچڻ کي پڙهڻ جي رفتار جي ماپي سان نہ ماپجي تہ بهتر ٿيندو. رچيندڙ، جنهن رچنا کي جنهن روپ ۾ رچيو آهي، ان کي، ان جي اصلي روپ کي نہ وٺي، صرف اُجاتري نهار متاثنس ڦٽي ڪرڻ 'پڙهڻ' نہ آهي. رچيندڙ پنهنجي رچنا کي رچڻ ۾ جيترو وقت لڳائي ٿو، اوترو وٺندڙ وٺڻ ۾ نٿو لڳائي؛ پر وٺندڙ جي وٺڻ واري سمي کي 'وٺڻ' چوڻ صحيح نہ آهي؛ وٺڻ جي معنيٰ تہ محض اها آهي تہ جا چيز، جنهن روپ ۾ آهي، ان کي ان ئي روپ ۾ وٺجي. مونتي بنگالي ساهت ايترو تہ اثر ڪيو جو هڪ ڏينهن شيام کي چئي ڏنم، "تجي تہ بنگالي ڪردار تجي."

شيام ناراض ٿي ويو. ڪجهہ چيائين ڪونہ، صرف منهن گهنجائي ڇڏيائين.

"توکي اها ڳالهہ چا بُري لڳي؟"

"نہ ڏاڍي سٺي لڳي."

"پوءِ منهن جا پاوَ ڇو بدلجي ويئي."

"صرف سوچيم تہ سنڌي ٿي تون پنهنجي اصليت تي ڇو نٿي سوچين."

"تہ؟"

"تہ تون سنڌي آهين. سنڌي، سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جيان هميشہ سيتل، شفاف ۽ مٺا رهندا آيا آهن. اسان جي طبيعت ۾ هنسا ڪونهي. ونجوڳ ڪونهي. حسس بغض ڪوئي وڪار ڪونهي. سهڪار ۽ شانتيءَ جا اهڃا تہ اپاسڪ آهيون جو اڳلي کي ناراض ٿيڻ جو موقعو ئي نہ ڏيندا آهيون، ۽ اڄ، جڏهن ڀارت ۾ اسان کي پنهنجي زمين ڪونهي، ٻين ٻولين جي چڙهت آهي، جدا جدا ڪلچر اوسي پاسي زور آهن، تڏهن اسين سنڌ - ماتا جا نالائق ٻار

ڪرڻ جو هڪ روپ آهي، ان حساب سان، هر انسان هڪ ڪلاڪار ۽ هر ٻولي ڪلا جو هڪ روپ آهي.

صوف ۾ جيڪڏهن زيتون ڪان وڏيڪ وٽامن آهن ته ان جي معنيٰ ڇا اها ٿي ته زيتون جي ڪا معنيٰ ڪانهي. زيتون کي به پنهنجو هڪ سواد، پنهنجو هڪ اثر آهي. ان ڪري جيئن صوف جي سنڀال ٿيڻ گهرجي، تيئن زيتون جي به ٿيڻ گهرجي. دنيا جي هر ٻوليءَ جي سنڀال ٿيڻ گهرجي. دنيا جي هڪ به ٻوليءَ لاءِ، ختم ڪندڙن سببن مان هڪ به سبب ميسر ڪرڻ نه گهرجي. لپيءَ کي وگيانڪ درشٽيءَ کان ۽ ٻوليءَ کي وياڪرڻ جي نهار سان ڀل جاچيو وڃي، جاچي اُن کي بهتر بڻايو وڃي، ليڪن بهتر ٿي بڻايو وڃي، ٻيو ڪجهه به نه!"

مان اڃا به چپ.

"چڱو رهڻ ڏي، ان کي سنڌو! تنهنجي نالي جي جڻ هجي ۽ تنهنجي نالي پٺيان جهن پوِتر امرت ڌارا جو وهڪرو آهي، اهو شل سدا قائم رهي. اسان جو واسطو پنهنجي فرض سان آهي. نه ته ڀلا سنڌو ندي وهندي رهي ۽ سنڌي ختم ٿي وڃن ڀلا ائين به ٿي سگهي ٿو. سنڌوندي‌ءَ جي ڪنارن تان جنهن سڀيتا ڪالهه ڦهلڻ شروع ڪيو آهي، اُها اڄ به ڪندي، سڀاڻ به ڪندي، ڇو ته اُتي جو ماحول ڪجهه اهڙو آهي. وڏ ۾ وڏ ڀاڳيہ جو ٻيو ڪهڙو مذاق ٿيندو، اهوئي ته سنڌي سنڌي هوندي به ڪجهه ٻيو بڻجي ويندا ۽ غير سنڌي، غير هوندي به سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي سنڌي بڻجي ويندا. سنڌي زندهہ رهندا، رهندا رهندا! هن روپ ۾ نه ته ٻئي روپ ۾. ڪوشش محض اها ٿيڻ گهرجي ته انسان جا تمام مختلف روپ قائم رهن ۽ هميشہ انهن روپن ۾ پورن سندرتا اُتڻ جي ساڌنا ڪئي وڃي."

تڏهن مون کي روئڻ اچي ويو.

چيم، "مان بيوقوف آهيان، شيام نٿي ڄاڻم: ٻولي ڪلا جو هڪ روپ آهي. ٻئي جو بنگلو ڏسي پنهنجي جهوپڙي ڊاهڻ ۾ ته وڏائي نه آهي. وڏائي نه آهي ته پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ڪير ختم ڪري سگهندو به ڪيئن؟ ان ۾ ته منهنجو سمپورڻ وشواس آهي ته انسان آدجڳاد کان ستيہ جي کوج ۾ ڀٽڪندو رهيو آهي. ننڍين ننڍين ستين کي ملائي هو ڪٿي پهتو آهي، اها ٻي

پوءِ اميءَ مون کي مار ڏني، توکي ڪوڙي نہ چئجي؟"
مون ڪلي چيو، "اڙي پوءِ ڪرشن کو پٽسن جي چوري ٿورو ٿي ڪندو هو، هو تہ مکڻ چورائيندو هو."
"پر اسان جي گهر ۾ مکڻ آهي ڪٿي؟"
هي کهڙو سوال هو؟
چيائين، "چڱو سنڌو، مون کي هڪ سوٽ سبائي ڏي نہ؟"
ٺهڪ نکري ويم.
"تون تہ اڃا ننڍو آهيان."
"پر واشو بہ تہ ننڍو آهي. گوبند بہ تہ..."
"تہ ڇا؟ هو غريب ٿوروئي آهن."
راجوءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو، چپ چاپ ڇت ڏانهن نهاريندو رهيو.
مهيني کن بعد هن مون کي پنج روپيہ ڏنا، پڇيومانس،
"ڪٿان آندءِ؟"
"ٽکو ٽکو ميڙي اٺ آنا ڪيم، ائين آنن جا ڪتمڙا ورتم، روز لوکو ءِ هيمن سان بہ ڪلاڪ گاڏيءَ ۾ وکڻندو آهيان. ڪيئن سنڌو، هاڻ تہ سوٽ ٺهرائي ڏيندينءَ نہ؟ بابا نٿا ڪمائين. ڀائو نٿو ڪمائي. روپو نٿو ڪمائي. هاڻ مان ڪمايان ٿو نہ؟"
منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.
گهر ڳالهہ نہ ڪيم، ڪيس سوٽ سبائي ڏنم، پر هو ڇا سوٽ پائي سگهيو؟ ڪيس ڪيترو ئي منع ڪيم: راجو دهو نہ، ڪتاب کڻ، تون پڙهہ.
چيائين: "پر اسان جي گهر ۾ ڪير ڪمائي چو نٿو؟ واشو ءِ گوبند ڪلندا آهن. تون روئين ڇو ٿي؟ نہ نہ، مون کي قسم آهي نور جو، مان هلندڙ گاڏيءَ مان ڪڏهن ڪونہ لهندو آهيان."
ءِ هڪ ڏينهن هيمن اچي ٻڌايو ... رهڻ ڏيو ان کي.
راجو جو نہ رهيو، پر مان اهو ڪيئن ٿي وساري سگهان، جڏهن هنجي لاش کي ڏسي ڊاڪٽر چيو: جڏهن بہ ڪو ٻار گاڏيءَ هيٺان اچي ويندو آهي، تڏهن مون کي اهو ئي ڀرم ٿيندو آهي تہ اهو ضرور سنڌي هوندو. هن جي هٿ ۾ ڇبو يا دهو هوندو، پويان ڪوئي ٽي. سي. وغيرهہ هوندو!

"پوءِ ڪري ڇڏ نہ؟"

"توکي ڇا مذاق ٿو سجهي."

"ڇگو، ان لاءِ مان ڀلا ڇا ٿي ڪري سگهان؟"

"هل تہ ڀڄي هلون."

"تنهنجو دماغ تہ ٺيڪ آهي نہ؟"

"دماغ ٺيڪ آهي، ليڪن مان ٺيڪ ڪونہ آهيان."

"اسٽائيل!"

"ڀلي ڇا بہ سمجهہ، ان ۾ صرف سچ آهي."

"ليڪن ڀڄجي ڇو؟"

"تون تہ ڄاڻين ٿي تہ مان حيدرآبادي آهيان. اسان ۾ ڏي- وٺ جو اگرو مرض آهي. مائٽن کي ان مرض جي ترشنا آهي. هنن کي کپن ڏهہ هزار."

"پوءِ؟"

"مون شروع ۾ ٿي چيو، مان ان سان شادي ڪندس، جنهن سان منهنجا ويچار، جذبا ملي ايندا. جيئن صورت کان اڳ سيرت ڏسڻ گهرجي، تيئن پيون لياقتون ڏسڻ کان اڳ ويچار ڌارا ڏسجي ۽ پوءِ مون پڌايو تہ مون ڇوڪري ڳولهي آهي."

"اڇا."

"پڇيائون ڪير آهي؟ چيم شڪارپور جي آهي، پڌي بگڙجي ويا. چيو اٿن يا الڳ گهر ڪري وڃي رهہ، يا اسان جي چوڻ تي حيدرآبادي ڇوڪريءَ سان شادي ڪر."

"پوءِ ڪنهن حيدرآباديءَ سان شادي ڪرين ٿو؟"

"۽ تون؟"

"منهنجو ڇا، ڀان ٿوريئي حيدرآباد جي آهيان."

"پوءِ، ڇا سنڌي نہ آهين، استري تہ آهين."

"استريون تہ حيدرآبادي بہ ٿينديون آهن."

"حاضر جوابي ڏيکارڻ لاءِ جواب ڇو پيئي ڏين سنڌو! مان سچ پچ گنڀير ٿي ٿو چوان: هل تہ ڀڄي هلون."

"ڪيڏانهن؟"

بشرطيڪ ڇوڪري پڙهيل لکيل سٺي سڀاجهي هجي. عمر ٣٥ سال اٿس. ڪيس شادي تہ ڪرڻ ئي ڪپي نہ؟ اهڙا ماڻهو، انهن حالتن ۾ جي شادي نہ ڪن، پوءِ تہ سماج جو خاتمو اچي ويندو. مون سوچيو: اسين بہ تہ غريب آهيون. پاڻ ڏيتي ليتيءَ کان بچي پئبو. مان بہ تہ انهيءَ جي ڪري تنگ اچي ويو آهيان. ڪجهہ پئسو جي مليو تہ ڀيو نہ. هڪ هوٽل کٽي ڪوليندس؛ ڪيئن منظور؟"

منهنجو سر چڪر کائڻ لڳو.

"رڳو تنهنجي ميڻ جي دير آهي. ڀٽي ڪي مجال آهي جو ڪجهہ ڪچي سگهي... تون روئين ڇو ٿي؟"

"ڀائو! توکي پئسو کپي نہ؟... صرف مون کي نوڪري ملڻ ڏي. ڇنڊ تہ قسم کڻان، جيستائين نوڪري ڪري گهر کي ٺاهيو نہ اٿم، تيستائين شا... ها، سچ ٿي چوان، پر مون کي ائين ... تياڳ جي معنيٰ اها تہ ڪانهي،.... مون کي صدقي جي ٻڪري ..."

مان سڏڪن کي روڪي نہ سگهيس.

بابا، امي، روپ سڀ ڪمري ۾ گهڙي آيا.

"ڇا ٿيو؟

روپ پڇيو.

"روئين ڇو ٿي؟" بابا پڇيو.

"خير تہ آهي؟" اميءَ پڇيو.

تڏهن ڀائوءَ مُنهن گهنجائي چيو، "نہ. ڪجهہ ڪونهي... هڪ خسيس ڳالهہ هئي. سندس ئي ڀلي ءِ گهر جي سک جي ڳالهہ هئي."

"ڇا جو ڀلو؟

"ڪهڙو سک؟" بابا پڇيو.

"ڀلي ءِ سک جي ڳالهہ هجي ها تہ سندو روئي ڇو ها. سندو پٽ، سچ ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي." ائين چئي امي اچي پاسي ۾ ويٺي ءِ مان سندس گود ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳيس.

تڏهن ڀائو ڌيري ڌيري سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لڳو.

بابا بگڙي ويو. چيائين، "ڪمبخت! محنت مزوريءَ مان سک نٿو مليئي

اڌوري هار آهي، مون کي سڀ ڪجهه سمپورڻ گهرجي. چاهي جيت، چاهي شڪست!

شيام جي گهر پهچنديئي، يڪايڪ قدم رڪجي ويا. چڱو وقت شيام جي گهر نه ويئي هيس، ممڪن هئو، هن جي ماڻُن مون کي وساري ڇڏيو هجي ۽ مون ته چاهيو به ٿي ته ڪاش مان هنن کي ياد نه هجان. جنهن جڳهه تي انسان جو ملهه، سندس شخصي پئسي جي مدنظر جاچيو وڃي ٿو، اتي هڪ خوددار ماڻهو وڃي به ڪيئن ٿو سگهي. اهو به ته ممڪن هئو ته مون کي شيام جي 'هوءَ' پائي، گهڻ نظر سان ڏٺو وڃي ها. اها ڳالهه جيئن پين چاتي ٿي تيئن مان به ان کان بيخبر نه هئس ته اڄڪلهه ڇوڪرن جي ماڻُن ۾ ان ڇوڻ جو فئشن ٿي پيو آهي ته اڄ جون ڇوڪريون، پاڻ سجائي پنهنجي سواميءَ جي کوج ۾ ڀٽڪنديون ڦرنديون آهن. مترتا جي يگ کي جيئن ٻڌيوان ماڻهو تسليم ڪيو آهي، تيئن سموري سنسار نه ڪيو آهي. پوءِ اهي گمان جاڳندا به ڪيئن نه؟ ... پر ان گمان سبب ڇا ميدان مان نڪري وڃڻو پوندو؟ جتي ڪير گهڻ نظر سان ڏسي، اتي پاڻ کي ٺهڪائي به ڪيئن ٿو سگهجي؟ هڪ هڪ ماڻهوءَ کي ڳچيءَ کان پڪڙي گيان ڏيڻ سان ڇا ٿو ٿئي. هتي ته سرشتي ۾ ئي غلطي آهي، پر جيستائين جيون جا ملهه نه آهن بدليا، تيستائين ڇا چپ رهڻو پوندو، پر ائين نه ڪرڻ سان معاملو منجهندو، سلجهندو ڪيئن!....

مان پويان موٽيس جو شيام جو آواز ٻڌم.

"سنڌو!"

روڪجي ويس.

"واپس ڪيڏانهن؟ گهر هل نه."

"نه، گهر نه، ڪنهن کلئي ميدان تي گهمڻ جو شوق آهي."

سورج لهي رهيو هئو.

ٻئي ڊيلي گرافڪ ڪلب جي ڀرسان واري سنسان رستي جي هڪ ٽلهي تي اچي ويٺاسين.

هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيون. جيئن روشنيءَ جو ماحول جهڪو

محسوس نہ ڪير. ڪويتا جو ارٿ بذات خود واضح هئو ۽ مون کي ارٿ مان انرٿ ڪرڻو نہ هئو. ۽ هن پڙ پڙ ڪندي ان نموني ڳالهائڻ شروع ڪيو ڄڻ پنهنجو پاڻ سان ئي ڳالهائي رهيو هئو.

"هڪ ئي وقت ۾ھني اڳيان ٻہ مسئلا... ۾ھني کي ڇا الڳ الڳ واٽ وٺڻي پوندي؟ ۽ اهي واٽون ڇا ڪڏهن ٻہ نہ ملنديون؟ مسئلا گڏيل ڪونهن، تڏهن ٻہ انهن کي ڇا گڏيل نموني منهن نٿو ڏئي سگهجي.

... هوا جي تيز جهپٽ، جيئن ڪيتن جي سنگن کي. جهڪائي هلي ويندي آهي، ٺيڪ تيئن، حالتن کي ڇا نٿو نمائي سگهجي؟

... دنيا ۾ هڪ سؤ ويهہ ڪروڙ عورتون آهن. ڪوڪو لائيف جي سيٽ کي تون ئي ڪيئن؟

... تون نہ، تہ ڪا ٻي! ڪنهن کي تہ وٺڻو ئي پوندو. ليڪن جنهن کي نہ چاڻجي نہ سڃاڻجي، ان اڳيان ئي پاڻ اربي ٻہ ڪيئن ٿو سگهجي؟

... دنيا ۾ ڀلا پئسي جوئي قدر ڇو آهي؟ پئسي سان ڪير ڪنهنجي دل تہ ڇا، هڪ خواب بہ خريد ڪري نٿو سگهي. پوءِ ان پريم جو ملهہ ڇو نہ آهي؟ سرسوتيءَ جو اهو ڪهڙو سراپ آهي، جنهن سبب وديا پائيندي بہ انسان جيون جو ملهہ پورا نٿو چاڻي!

... تون جيڪڏهن مون سان ڀڄي هلين تہ شايد تنهنجي پائوءَ کي بہ اهو روئي روئي چوڻو پوندو. ناحق پينڙيءَ کي راهہ رلايم. پڇتائڻو ئي آهي تہ پوءِ زيادتي ڪجي ڇو ٿي؟

... هر پيڙت انسان هڪ ئي رات ۾ امير ٿي وڃڻ ٿو چاهي. هنجي دماغ ۾ بنگلا، ڪاريون، ڪلبون ۽ نہ معلوم ڇا ڇا هوندو آهي! جو ڪجهہ هو نٿو پائي سگهي، ان کي ئي دماغ ۾ ڪٺي گهمي ٿو. ڪيتن جا سنگ، شاداب ماٿريون، شربتي نديون، امرتي چشما، سيتل جهرڻا، برفاني پهاڙ، نيرو آسمان ۽ بلوري سمنڊ، انهن کي ڏسڻ، ڏسي طبيعت کي خوش ڪرڻ جو فڪر هو ڪرڻ بہ نٿو چاهي. آرٽڪ ڏانچي هن جي آتما کي ماري ڇڏيو آهي. هو نئين زندگيءَ جا خواب لهي ٿو. ليڪن ان کي ساڪيات پائڻ جون راهون اڻجهيل، ۽ لنبيون ڏسي فراريتوادي ٿي وڃي ٿو.زندگي هن کي گهوٽي ٿي، هو زندگيءَ کي گهوٽي ٿو، پل پل ۾ مري ٿو ۽ پل پل ۾ جيئي ٿو ۽ ائين جنم مرڻ جي ان

بند ٿيل قيديءَ کي خبر آهي تہ ڪيس مهيني بعد آزاد ٿيڻو آهي؛ پوءِ بہ موقعو ملندي ئي هو ڀڄي ڇو ٿو وڃي؟ جيون جا ملھہ سڀ تہ ڄاڻن ٿا؛ ڄاڻن ٿا تڏهن ئي تہ فراريت جي ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي... منهنجو ڀائو!... جڏهن سماج جي نظر سان ڏسان ٿي، سوچيان ٿي، هو تہ آهي ئي نفرت جي لائق... هليو آهي ڀيڻ کي وڪڻڻ!... ليڪن هڪ انسان جي دل جي ڪنهن ڪنڊ مان، ڪوئي هڪ سوال ٿو نڪري؛ پر بہ هن کي نفرت لائق بڻايو ڪنهن؟ حالتن؟ حالتون ڪنهن پيدا ڪيون؟ صحيح علم سان صحيح راهہ ملندي آهي، مڃان ٿي، ليڪن صحيح علم ڪيئن پائجي؟ ساهت پڙهڻ سان انساني جيون کي ۽ وگيان پڙهڻ سان پرڪرتيءَ کي سمجهي سگهجي ٿو، ليڪن ساهت ۽ وگيان پڙهڻ جو شوق ڪير پيدا ڪري؟ هرڪو تہ سڀ ڪجھہ ڪري نہ ٿو سگهي ۽ جي ڪري سگهن ٿا، انهن ڪيترو ڪجھہ تہ اڃا ڪيو ڪونهي، نہ نہ، لوڀ موھہ اهنڪار خلاف پرچار جي ڳالھہ تي ڪريان، انهن جو واسطو بہ حالتن سان ئي آهي. اندرين ۽ ٻاهرين حالتن سان جيڪڏهن هر ڪنهن کي لياقتن آهر ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ۽ چاهڻ سان ئي پائڻ جون راهون کليل رکيون وڃن تہ پوءِ لوڀ رهندو بہ ڪيئن؟ آهي تہ ان ۾ بہ هڪ وڏو سوال، لياقتن جو فيصلو ڪير ڪندو؟ خير ڇڏيو ان کي. ارٿ شاسترن جا انيڪ پوٿا پڙهي، طرح طرح جي سماجي ڍانچن تي نظر ڦٽي ڪري، ان جي جواب کي بہ پائي سگهجي ٿو، ليڪن جواب ئي پائجي ٿو؛ پيو ڪجھہ بہ نہ، جي ائين نہ هجي تہ دنيا ۾ ڪي بکيا ڇو هجن؟ ۽ جي بکيا نہ آهن، تن جي چپن تي مسڪراهٽون ڇو نہ آهن؟ ۽ اهي مسڪراهٽون ٻين جي پيڙا سبب ڪم آهن تہ پوءِ پيڙا جي فيلسوفيءَ کي قبول ڇو نٿو ڪيو وڃي؟

دک سيني کي گهوٽي ٿو،
۽ پاڻ پلي سيني کي مکت ڪرڻ نہ چاهندو هجي،
مگر....
جن کي گهوٽي ٿو،
انهن کي اهو سيڪاري ڇڏيندو آهي تہ ٻين کي مکت رکن.

ان ڏيهن ڪارن مرچن جي ٻريءَ واري پنيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ ڪجھہ پيڙا جي فيلسوفيءَ تي لکيل هئو، ان جو لکندڙ ڪير هو، اهو تہ اڄ تائين بہ ڄاڻي

"ڇا پيو بڪين؟" امي اٿڻ لڳي.

"نہ تہ مان هڪ هڪ جو خون ڪري ڇڏيندس."

"مطلب؟" هاڻ بابا بہ اٿيو.

"مطلب تہ مان زندگيءَ مان تنگ اچي ويو آهيان."

"پوءِ ٻين جي زندگي تنگ ڇو ٿو ڪرين؟" وري بہ بابا ئي ڇيو.

"نہ هاڻ توهين ٻيا آهيو؟"

"جي ٻيا نہ آهيون تہ پوءِ گهر ۾ ڪپ ڇو ڪولي بيٺو آهين؟"

"ان ڪري جو ان ڪي بند رکي نٿو سگهان!"

"پائو!" روپ چلايو.

"نہ، مان ڪنهنجو پائو ڪونہ آهيان. مان ڪنهنجو ڪير نہ آهيان. مون ڪي پئسو ڪپي. پئسو! مون لاءِ پئسو ئي زندگي، ماءُ پيءُ، ڌرم ڪرم سرڳ آهي. مان سٺ روپين ۾ پنهنجي زندگي گذارڻ نٿو چاهيان."

بابا اڳيان وڌيو.

روپ بہ اڳيان وڌيو تہ امي بہ اڳيان وڌي.

منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو.

پائو پنيان هٽيو، ڪٽ جي ايس سان ٽڪرجي، جهوپو کاڌائين؛ ۽ پوءِ چلائيندي چيائين، "بابا، اڳيان نہ وڌو."

"مان چوان ٿو ڦٽي ڪر چاقو."

"مان چوان ٿو اڳيان نہ وڌو."

"تنهنجي اها همت؟"

"ڇ تنهنجي؟"

تنهنجي! پٽ ٿو پيءُ کي چوي؛ تنهنجي اها همت؟

"شرم نٿو اچيئي."

"ڇو اچي... وري بہ ڪمايان ٿو، تو وانگر بيڪار ٿو رهئي..."

بابا جو منهن لهي ويو. پائوءَ اڃا جملو پورو ئي نہ ڪيو هٿو جو روپ ٽپو ڏئي، پائوءَ کي پٽ تي ڪيرائي ڇڏيو هي ڇا ٿيو؟ ... بابا پٿر جو بت بڻيو ڏسندو رهيو. امي "روپ ... سندر ... روپ.. سندر." چلائيندي اڳيان وڌي، "منهنجا ايشور، ڇا هيءُ ڏينهن ڏيکارڻ لاءِ ئي تو مون کي زنده رکيو

پيڙا هئي.

"امي ڪٿي؟"

"اها اڃا بيهوش آهي."

"پاپا ... بابا ... روپ!..."

ڪنهن به ڪجهه نه ڳالهايو.

"ڇا ٿيو آهي؟" بلڪل سڌي ٿي ويٺيس.

"پاپا ويو آهي آپگهات ڪرڻ!" ڪَنُ مان روپ جو آواز آيو؛

"آپگهات! ... آپگهات! ... پاپا آپگهات ڪندو ... بابا ... ڪٿي؟"

"بابا پويان ويو اٿس. پيا به ويا آهن. پر ڇا ٿيندو، ڪمبخت مري به ويو هوندو..."

"روپ ... روپ ... توکي ڇا ٿيو آهي، منهنجا پاءُ ... منهنجا سٺا پاءُ..."

"نه، مان سٺو ڪونه آهيان، اياڳو آهيان نه ..."

ڪيس ڇتائي نهاريم، سندس مٿي مان رت وهي رهيو هو. شايد ڪنهنجو به ڌيان ان خون ڏانهن نه ويو هئو. مان بجليءَ جي رفتار جيان وڃي روپ جي پير ۾ ويٺس زخم ڏٺم ... زخم هلڪو هئو. تڏهن يڪايڪ پاپوءَ جي ياد آئي...

منهنجو پاءُ! اياڳو، اڳياني پاپو!!

تڏهن اٿين ٿي، پيرين اگهاڙي، وار هيڏانهن هوڏانهن پريشان ۽ ڪپڙا آلا هوندي به گهر کان ٻاهر نڪتس. اولهه ڏانهن ڀڳيس.. ميل ڪن جي مفاصلي تي ٽرين جا پٽا هئا... خوني پٽا! ڪيترن ئي اتي آپگهات ڪيو هئو ... پريم ۾ ناڪاميءَ سبب ... نوڪري نه ملڻ سبب ... ۽ نه ٿي معلوم ٻين ڪهڙن ڪهڙن سببن سبب!

ڀيانڪ اونداهي رات، اڪيلائي ...

آسمان صاف هئو، ڪنهن ٿي چاتو ته اهڙي ڀيانڪ رات ۾ ، وچولي طبقي جي هڪ گهر ۾ ڇا ٿي رهيو هئو، ڪنهن ٿي چاتو ته هڪ ڀيڻ پنهنجي پاءُ جي زندگيءَ لاءِ، وقت، آستان، سماج، پاپ پيچ، ڊپ، نندا وغيره جون سڀ سيمائون لتاڙي، ڪرشن پکش جي رات ۾ موت کي روڪڻ لاءِ ڊڪي

"سنڌو!"

"سنڌو!"

ماڻهو بلڪل عجب ۾ پئجي ويا.

اڳيان وڌي، ياڻوءَ کي ٻانهن کان پڪڙي، تڙپندي چيم، "منهنجي ڪري مري رهيو آهين ياڻو - نہ نہ ياڻو، مان توکي مرڻ نہ ڏيندس. مان ضد بہ نہ ڪنديس. ليڪن توکي بابا کان، اميءَ کان معافي وٺڻي پوندي. روپ مان توکان معافي وٺنداسين ... منهنجا ياڻو، اهو بہ ڪو طريقو آهي، تون مون کي چوين ها ... "

"توکي چيو تہ هئم!"

دور کان ڪنهن چيو، "حالتون .. خون جا رشتا ناتا بہ ... "

تڏهن مون کان رهيو نہ ٿيو، چلائي چيم، "توهان جون اهي ڳالهيون ئي خون جا رشتا ناتا ٽوڙين ٿيون، پيو ڪير بہ نہ، ڀڳوان بہ نہ!"

ڪرشن پکش جي ان ڀيانڪ رات جي انڌيري منهنجي دل ۾ پرورش ڪري، مون کا نراشا جي چپ چپ ڪندڙ ڄار ۾ الجهائي ڇڏيو. موڊ نہ هئڻ جي جا هڪ خاص موڊ ٿيندي آهي، تنهن منهنجي دل، دماغ تي قبضو ڪري ورتو. دل جي هڪ هڪ ڌڙڪن، ارٿ ڀري ٻوليءَ جو روپ وٺي چلايو ٿي: سنڌو ختم ... سنڌو ختم ... سنڌو ختم ...

ڇا سچ پچ ختم؟ سوچيم ...

مان تہ سمپورنتا جي اپاسڪ آهيان. مان سڀ ڪجهہ سمپورڻ چاهيندي آهيان، چاهي جيت، چاهي شڪست!

هو وڃي پيو، شيام ...

ڪرشن پکش جي رات تہ آهي ٿي، ليڪن آسمان ۾ تارا گرهہ آهن ڪونہ، هجن بہ ڇو؟ هو وڃي جو پيو ... چال ڍلي، سر هيٺ ڪيو ...

اها راهہ ڪلپنا جي هئي، ڪلپنا، جا شايد سياڻي ستيہ جو روپ وٺي.

ڇا شڪست سان 'مان' 'مان' نٽي رهي؟ ليڪن هيءَ شڪست ڪهڙي؟ ... پنهنجي اڇا سان پنهنجي اڇا جو تياڳ ڪرڻ ڇا شڪست آهي؟ پوءِ بہ هو چال ڍلي، سر هيٺ ڪيو ڇو ٿو وڃي؟ مان پٺيان رهجي ويئي آهيان. بدلجي

پوي نہ تہ ان سمرپڻ ۾ 'مان' آهي! سچي سمپورڻ سمرپڻ ۾ نہ 'مان' رهڻ نہ گهرجي ... تڏهن ڇا آتم سمرپڻ ۾ بہ 'اهم' رهي ٿو ... تہ پوءِ آتم سمرپڻ 'آتم سمرپڻ' ٿيو بہ ڪيئن ... ۽ مان پيئي سمپورڻا جي ڳالهہ ڪريان ... نہ نہ نہ ... آتم - سمرپڻ بعد اهم نٿو رهي. آتم سمرپڻ بعد 'ٻہ' ٻہ نٿا رهن ...

ڪرشن ساري برهمانڊ کي آتم -سمرپڻ ڪيو ۽ پوءِ هن پرڪرتي جي هڪ هڪ چيز ۾ پاڻ کي ڏٺو! تڏهن تہ هن چيو: مان هن ۾ بہ آهيان تہ هن ۾ بہ آهيان ... سڀ مون ۾ آهن ۽ مان سڀ ۾ آهيان!

ڌرتيءَ جي ڇايا (رات) ڌرتيءَ جي گول ڦرندي رهي تارن کي چمڪائيندي رهي .. ڇايا دور ٿي ويئي تہ سورج جي ٻاکن اڳيان تارا بہ ڇڻ وسامڻ لڳا.

اکيون ڳوريون، مٿي ۾ سور هئم، ٺيڪ اهڙي حالت ٻين جي بہ ٿي لڳي. ڪير ٿو ڄاڻي تہ ٻين بہ ننڊ ڪئي هئي يا نہ ... مان پٽ تي فراسي وڇائي پئجي رهيس. حال ۽ آئيندي جي وچ ۾ شروع ٿيل سنگهرش تي سوچيندي، ڪڙڪيءَ مان آسمان جورنگ بدلجندو ڏٺو هئم. مون ۾ هڪ ڪن لاءِ اهو بہ سوال پيدا ٿيو هو: ڇا جيون بہ آسمان جيان شوقيہ آهي؟ ... آسمان شوقيہ آهي، تڏهن بہ ان کي معنيٰ آهي؛ ان ۾ سهسين تارا، چنڊ، گرهہ آهن ... آسمان جورنگ بہ انهن ڪري بدلجي ٿو ... جيون ۾ 'مان' 'تون' ۽ 'هو' رهي ٿو. ان سبب ئي جيون کي روپ آهي. بدلجندڙ روپ! جو ڪجهہ آسمان ۾ آهي، ان ۾ هڪ سبنڌ آهي، هڪ سلسلو آهي ... ۽ جيون ۾؟ ... اڇي ويو اهو ئي انسان جو وشو روپ ... وشو روپ، جو انيڪ روپن مان ٺهيو آهي ... انهن روپن ۾ هڪ سبنڌ آهي، هڪ سلسلو آهي ... آسمان ۽ جيون! جنهنجو ڪوئي آد، ڪوئي انت نٿو ڄاڻي، جنهن جو ڇڻ آد، انت آهي ئي ڪونہ. پوءِ بہ ان کي هڪ معنيٰ ان جو هڪ رهسيہ آهي، تڏهن ئي تہ ساهت ۽ وگيان جو سرجڻ ٿيو آهي.

آسمان روپ بدلايو تہ گهر جو بہ روپ بدليو.

هيڏانهن هوڏانهن ۽ پوءِ سيني ڀاتين ڏانهن نهاري ڪجهہ سوچي، ننڍي منهن کي اجا بہ ننڊو ٻڌائي، ڀائو نزديڪ آيو. چيائين، "دنيا ۾ پاپ بہ ٿيندو

اڳيان رکي چپ ٿي ويٺي هئس.

هو به چپ هو.

فضا جي خاموشيءَ برهه جو گيت ٿي ڳايو ...

مون کي ويڇو هو، جلدي ويڇو هو، ارادي جي شڪتي مون ۾ هئي، ليڪن اهڙين ڳالهين ۾ ان کي آزمائڻ جو تجربو اڃا پائي نه سگهي هئس، پاڻ جي اڃا به نه هئم، متان ناڪامي پلئه پئي، ان ڪري، ناڪاميءَ جي حالت ۾ گهرو جيون بگڙجي سگهيو ٿي. مون چاهيو، جلدي هلي وڃان، ڪٿي شيام جي پريشان آتما جو رودن ٻڌي فيصلو ڦيرائي نه وهان.

"پوءِ ... پوءِ سنڌو؟"

"پوءِ! ... پوءِ فيصلو ڪير ته پنهنجي اڃا سان پنهنجين اڇائن تان هٿ ڪڻان."

"تنهنجو مطلب؟"

"مطلب ڇاڻ چاهين ٿو شيام ... ٻڌندين .. ٻڌي سهي سگهندين!"

چوٽ ڪائي، هو تڙپي اٿيو.

"اهو تو ڇا چيو سنڌو! ... تون اڪيلي ۾ اهڙا فيصلا ڪري سگهين ٿي، جنهن ۾ سهڻ نه سهڻ جو سوال پيدا ٿيندو آهي؟"

"حالتن التجا ڪئي."

"التجا التجا آهي، حڪم نه آهي."

مان چپ.

"نه نه سنڌو ... ائين ٿي نٿو سگهي. مون تنهنجي ڪري، گهر سان جهڳڙو ڪيو آهي."

"ته پوءِ منهنجي ڪري اهو به ڪر نه."

"حالتن اڳيان جهڪڻ ڪمزوري آهي ... ڇا تون چاهين ٿي مان ڪمزور ٿيان."

"پنهنجي اڃا سان جهڪڻ ڪمزوري ڪونهي."

"آهي."

"ڪجهه وڃائڻ جي پيڙا ۾، غصي سبب، تون ستيه کان دور وڃي رهيو آهين."

وڏائي نہ آهي."

هن پنهنجو منهن، منهنجي منهن جي نزديڪ آندو، منهنجي ساڄي ڪلهي تي هن ان جو بار رکيو. تڙپندي هن ڪلهي ۾ منهن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، وري ڪجهه سوچي منهن مٿي ڪيائين. تارن جي روشنيءَ تان هيٺ ٿي هن آسمان ۾ نهاري وري ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ بلڪل منهنجي قريب اچي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چوڻ لڳو. "مان سچ پچ توکي پريم ٿو ڪريان سنڌو! توکان سواءِ منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي، اهو مان سوچي بہ نٿو سگهان. پر توکي پائي، مان تنهنجي گهر جو سک ڦٽائڻ نٿو چاهيان. نہ ڄاڻان وري ملاقات ٿيندي بہ يا نہ ... تنهنجي گهر جو سک، توکي مون کان الڳ ڪري ٿو سگهي، مون کي تنهنجي ياد ڪان نہ ... مان ان حقيقت مان ٿي پاڻ کي سکي رکڻ جي ڪوشش ڪندس تہ اسان هڪ ٻئي کي پائڻ ۾ بہ آزاد رکيو تہ ڇڏڻ ۾ بہ ....."

تڏهن مان روئڻ روڪي نہ سگهيس. مون پنهنجو منهن هن جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي، پنهنجو سمورو غم آنسن رستي ڪڍڻ چاهيو. مان سسڪيون ڀري روئڻ لڳس. هن پنهنجا ٻئي هٿ منهنجي منهن تائين آندا.

ڪڇ تو ميري سن چندا
ڪڇ مين تيري سنون
تو ميري آنسو گن
مين تيري تاري گنون

ها، جيون جي سک لاءِ پيڙا ڀري هڪ ڪويتا ڪافي آهي. ڄاڻان ٿي، اها تہ جيون صرف نظريي جي ڳالهہ آهي. پر ڇا نظريا بدلجندا نٿا رهن؟ پيڙا معرفت جنهن سڀ ڪجهہ پاتو آهي، اهو پيڙا کان مڪتي پائڻ ڀلي چاهيندو هجي، ليڪن پيڙا کان نفرت نٿو ڪري ۽ اڄ مان جڏهن ماضيءَ جي انهي ڇپندڙ تصويرن ڏانهن نظر ڪريان ٿي، تڏهن ڏسان ٿي، جيون جي انهن گهڙين ۾ مون ڪيترو تہ اونهو سوچيو هو. سوچيو هئم؛ چوندا آهن؛ ڪلاڪار ستيہ جي کوج ۾ رهندو آهي. ڪلاڪار ستيہ جي کوج ۾ ڇو ٿو رهي - ستيہ ڇا اهڙي چيز آهي جا هن جي اوسي پاسي نٿي رهي؟ هو ستيہ کي کوج ڪري ٿو، ڇو تہ هو ڄاڻڻ چاهي ٿو؟ جيون ڇا آهي، انساني رشتا ناتا

جهڪائي ڇڏي ٿي.

ليڪن ان لاءِ ڪرم ڪرڻو آهي. ماچيس پائڻ سان تيلي ٻاري، اوندهہ ۾ پرڪاش ڪبو آهي؛ تہ روشنيءَ جو سامان ميسر هئڻ سان بہ ٻارڻ جو ڪرم ڪرڻو ئي پوي ٿي، تڏهن ئي جيون ۾ ڪرم جو آستان اوچو آهي.

ديپ سان ديپ جلي ٿو ۽ پراچين ڪال کان وٺي جيون ۾ پرڪاش ڦهلائڻ واري ڪاريہ جي پرمپرا هلندي ٿي اچي.

اڃا بہ ڪيترو ڪجهہ وسري ويو آهي؛ پوءِ بہ، جو ڪجهہ پنهنجي ليکي پاتو اٿم ان جو تت اهو ئي آهي. اهو ئي اهو ستيہ آهي جو مون پيڙا مان پاتو آهي.

ليڪن پيڙا جا بہ روپ آهن.... سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ جي لوچ ان جو هڪ روپ آهي، ٻين کي پيڙا کان مڪت رکڻ جو ٻيو ۽ خود مڪتي پائڻ جو ٽيون ۽ ائين انيڪ ... پيڙ پيڙا آهي تہ پيڙائي ....

ياڻوءَ کي هڪ پيڙا پڪڙيو هئو.

هن کي اهو ڪنهن سيکاريو تہ شراب نہ آهي پيتو. گهر ۾ شور نہ آهي، ڪرڻو. گهر ۾ سڀ واٽڙا ٿي ويا، جڏهن هن هڪ آئيني وارو نندو ڪٻٽ آندو ۽ بعد ۾ ڀڳل آئينو، مٿي جاري تي رکي ڇڏيو.

هفتي بعد ڪيس پڳهار مليو. اچي اميءَ جي پيرن تي رکيائين.

بابا ڏانهن منهن ڪري چيائين، "هاڻ تہ معاف ڪندا بابا."

"معاف ...! مان تہ پٽ توکي آشيرواد ڏيڻ ٿو چاهيان ... ڏسان ٿو تہ هاڻ تون پاڻ کي راجوءَ جهڙو بڻائي رهيو آهين."

جيون طرف هن جو رُخ بدليو هئو؛ جتي رُخ بدلجي ٿو، اتي ان بدل جو ڪارڻ ڄاڻڻ ضروري آهي . پر هتي ڪارڻ ظاهر هئو. دک گهوٽيو هو... مڪت ڪرڻ سيکاريو هئو... هن جي اکين ۾ آنسو هئا... پڇتاءُ نمايان هئو!

هو مون ڏانهن وڌي آيو. چيائين، "هاڻ توکي نوڪري ڳولهڻ جو فڪر نہ ڪرڻ گهرجي. مان وري ڪنهن مل ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. گهڻو گهڻو ڪمائيندس... پئسي جي لوڀ ۾ ڦاسي توکي وڪڻندس ڪونہ..."

صرف آرٽڪ ڊانچو بدلجڻ سان ئي جيون سکي نہ آهيُ ٽيئو. وديا جو ڊانچو بہ بدلجڻ ئي گهرجي. وديا، جنهن جو اُديش جيون ۽ پرڪرتي ۽ انهن جي وشال دائري ۾ سمائجي ويندڙ هر چيز جي سمجهائي آهي. سوني جي چمڪ ۽ ٻن چپن جي مسڪراهٽ وچ ۾ جو انتر رهندو آهي؛ اهو صاف ظاهر ٿيڻ گهرجي تہ هڪ طرف جيوت آهي، سيتا، مارئي ۽ راجلڪشميءَ ڪي جو ڪجهہ رام، ڪيت ۽ شريڪانت مان مليو، اهو لڪشمي ڪڏهن بہ ڏئي نٿي سگهي.

وديا سان جيون جا ملهہ بدلجن ٿا.

آچاريہ چيو، "يڌشٽر، تو اڃا بہ پاٺ ياد نہ ڪيو آهي، ڇهہ مهينا ٿي ويا اٿيئي. تنهنجي ڀائرن ۽ سوٽن تہ سڄو ڪتاب...."

سبق ڪهڙو هو؟ ... هميشہ سچ ڳالهائجي.

"مان تہ اڃا ستيہ کي اپنائي نہ سگهيو آهيان، پوءِ مان ڪيئن چوان تہ مان سبق ياد ڪيو آهي."

مان ڪيئن چوان تہ مون سبق ياد ڪيو آهي."

وديا ۾ صرف ياد نہ آهي ڪرڻو، اپنائڻو آهي ۽ اهو بہ وديا ئي ٻڌائي ٿي.

هيءَ ڏي - وٺ، هيءَ ذات پات جا جهيڙا، پرانتڪ ڀيد ڀاو، فرقيوار ٽڪر، قومي جنگيون، سڀ ڪجهہ روڪي سگهجي ٿو. انساني جيون املهہ آهي، اهوئي ياد ڪرڻو آهي. ياد ڪرڻو آهي يڌشٽر جيان.... جي جيون لاءِ، ستيہ لاءِ، سندرتا لاءِ، انهن جي عزت ۽ رکيا لاءِ سنگهرش ڪن ٿا، تن کي ساٿ ڏيڻو آهي. جيون شوقيہ ٿيو تہ ڇا ٿيو؟ ان ۾ 'اهم' تہ آهي. 'اهم' کي 'اهم' سان ملي 'پرم' ٻڻجڻو آهي. 'پرم' ئي وشو روپ انسان جي 'آتما' آهي. 'پرم' ۾ ئي لين ٿيڻو آهي! وديا معرفت آدرشن ۾ سماتتا آڻجي تہ پوءِ پرڪرتيءَ کي انسان جا چرڻ چمڻا ئي پوندا.

شام جو شيام جي گهر طرف رخ رکيم. ڇگي عرصي بعد گڏجڻ ٿي رهيو هو. شيام جي گهر ۾ پيدا ٿيل مسئلي کان بي خبر هئس، ائين ڪونهي، تہ منهنجي من ۾ صرف اها ئي ڳالهہ هئي، شيام سان گڏجڻو آهي، ڊيلي گرافڪ ڪلب ڏانهن وڃڻو آهي ۽ هن جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي...

خوابن لاءِ زندگي بگاڙبي نہ آهي."

منهنجي پريل دل اڇلجي پيئي.

وڃان، نہ وڃان؟ اها ٿي اُلجهن! نہ نہ وڃڻو آهي- وڃڻو آهي!

اٿيس. آنسو پونڇيم ۽ اٿين اڳيان وڌيس.

شانت! من ۾ ڇڻ ڪجهہ نہ هئو. من ڇڻ دک -خوشي رهت هئو.

شيام جي گهر وٽ پهتيس. دروازو کڙڪايم.

شيام جي ماءُ ڇڻ تڪ تڪ ٻڌڻ لاءِ تيار وٺي هئي. آواز ٻڌي هن چيو، "آچي ويو.... شيام آچي ويو!"

مطلب اهو تہ شيام گهر ۾ ڪونهي. هڪ ڪن ٿ ۽ خيال آيم تہ يڪدم موٽي وڃان. ليڪن اهو ٺيڪ نہ لڳم. ٻي گهڙيءَ دروزو کليو.

"تون!"

"شيام ڪونهي؟"

"هُو هتي ڪٿي؟"

"تڏهن؟"

شيام جون ٻہ ڀينر ٻہ ٻاهر نڪري آيون.

اندران شيام -پيءُ جو آواز آيو. "ڪير آهي؟"

ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو.

مون چيو، "مان آهيان،- سندو!"

هاڻ هُو بہ ٻاهر نڪري آيو؛

"تہ تون ئي آهين سندو!" شيام ماءُ چيو.

"ها، چا، چو ڪجهہ ٿيو آهي؛ ڪيئن؟"

"آندراج."

سڀ ڪمري ۾ هلي ويٺاسين. شيام پيءُ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، سامهون سنڌ جي نقشي ۽ شاهہ عبدالطيف جي تصوير ڏانهن نهارڻ لڳو؛ باقي سڀ هڪ ئي پلنگ تي تي ويٺاسين. ڪجهہ وقت رکي، شيام ماءُ چوڻ شروع ڪيو، " تون ئي هتي ايندي هئينءَ، اڄڻ بند ڪري ڇڏيئي، ڇو، اهو مون پوءِ سمجهو. چا تون نٿي ڄاڻين تہ شيام گهر ڇڏي ويو آهي.

هن چيو؛ مان شادي نہ ڪندس.

"توکي چٺي لکي اٿائين؟"
"نه."
"توکي ٻڌائي ويو آهي؟"
"نه."
"پلا، توکي هنجي ائڊريس آهي؟"
"نه."
"کيس خط لکڻ چاهيندين ء؟"
مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

گهر اچي شيام کي خط لکيم، جنهن ۾ سندس ۽ پنهنجي گهر جي حالتن جو ريکاچتر چٽيم.
لکيم:

I live not in my self, but I become
Portion of that around me.

۽ مونکي تنهنجا اهي لفظ ياد آهن، پيار ۾ پائڻ چاهبو آهي. پائڻ بعد سمرپڻ سياويڪ آهي.

پورن چئن ڏينهن بعد......
اڄ شيام جي پيڻ آئي. چيائين، اڄ شيام اچي رهيو آهي. هن هڪ ننڍو لفافو به ڏنو. هوء ويئي ته مون لفافو کولي، خط پڙهڻ شروع ڪيو.
شيام لکيو هو:
ان رات منهنجي ڪهڙي حالت ٿي هئي، اهو ڄاڻين ٿي سنڌو؟- طوفان سمي ساگر ۾ جا لوڇ پيدا ٿيندي آهي، اها ڇا تو ڪڏهن ڏٺي آهي؟ ڇاهي نه ڏٺي هجي، تڏهن به تون ان لوڇ جو انيڀو ڪري سگهين ٿي؛ جدائيء جي سيما تي صرف مان ئي ڪونه هئس.
گهر آيس. انگريزي ڪويتائن جو هڪ ڪتاب کوليم. مون کي پنهنجي پيڙا پين جي لوڇ ۾ گم ڪرڻي هئي.
ڪنهن چيو:

آهي. جو سک جي ڦهلاءَ کي اسير سمجهي ٿو، اهو پاڻ کان وڏيڪ گهر، سماج، قوم جو ڀلو چاهي ٿو.“

رات جو بستري تي ڇلندي ڦٽڪندي منهنجي من ۾ هڪ ٿي ڳالهه وڃي رهي؛ مان چند گهڙين جي سڻيءَ جو شڪار ٿي ويو آهيان...

مون اهو ڪونه سوچيو تہ جو شڪار ڪندو آهي اهو سڻيءَ نہ هوندو آهي. اَصل ۾ مان شڪار چند گهڙين جي اُن سڻيءَ جو نہ، بلڪ پنهنجي اَگيانتا جو ٿيو هئس، جنهن سبب اُن سڻيءَ کي ڪڏهن بہ ڪوڙ ۾ نہ بدلجندڙ سڻيءَ سمجهو هئم.

اُن اگيانتا جي خبر تڏهن پيئي، جڏهن دهليءَ ۾، پاڻ کان ڪٽجي، توکي ۽ پاڻکي پاڻ کان دور بيهاري، زندگيءَ جي هرهڪ واقعي، رخ، رد-عمل وغيره جو اپياس ڪيم. فيصلي جي مون قبوليت چو ڏني... اِهو تکڙو فيصلو آهي.... جڏهن ميلاپ ناممڪن نہ آهي تہ پوءِ وڇوڙو چو..... چو؟

هڪ ڪن جي هزار پتيءَ جيتري وقت لاءِ مونکان پاپ ٿي ويو؛ اهو تون چائين ٿي سنڌو؟.....“

”ممڪن آهي سنڌو مونکي ايترو نہ چاهيندي هجي، جيترو مان ڪيس چاهيانٿو.“ تڏهن، اُن وقت ديوار سان سر ٽڪرائڻ جو خيال بہ آيو. مونکي ياد آيو تہ جدائيءَ جي اُن پيانڪ فضا ۾ آسهيہ پيڙا وچان جنهن رنو هئو، اهو مان نہ، ڪوئي ٻيو هئو- منهنجي سنڌو هئي!

اُن رات، خواب ۾ پٽر جو هڪ پتلو ڏٺم؛ جو تنهنجو هئو.

تون شانت، اَچل، آواڪ سماڌيءَ ۾ لين هئين. پريات جي ڀهرين سرخ ليڪ کي ڏسڻ سان جو اکين کي آنند ايندو آهي، ڪجهہ اهڙي ئي قسم جو آنند منهنجي دل ۾ پئدا ٿيو تنهنجي اُن روپ کي ڏسي. اُن رات بہ خوب ڪويتائون پڙهيون هئم. هوا جو هڪ جهونڪو ڪو سنديش کڻي وڃي، پاسي واري وڻ کي ٻڌايو ۽ اُن گهڙيءَ، اُن وڻ چي چي ڪري مونکان پڇيو، ”اِن سماڌيءَ جي ڪهاڻي ڄاڻي ٿو.“

چيم، ”ڄاڻانٿو؛ جا اِن ۾ آهي، اُنکي ڄاڻانٿو.“

چيائين، ”نہ، تون هنکي نٿو ڄاڻين... اڄ مان توکي انجي واقفيت ڏيان....

# درد جو دريا هم

ارپيان ٿو،

محمد ابراهيم جويي

۽

اي. جي. اُتم

کي

**موهن ڪلپنا**

4 آگسٽ 1991ع

لڪشمي. جنم کان اڳ زندگي. موت کان پوءِ زندگي. جنمن جو چڪر. اسان جي ديوتائن ڪي ڇهرا- انهن جا بت.

محمد خدا جو پيغام پهچائيندڙ. الله هڪ. ان جو ڪو بہ روپ نہ. هڪ پيغمبر محمد. هڪ ڪتاب؛ قرآن. برابريءَ جو هڪ ئي رستو.

هندن ۾ ويد، پراڻ، اپنشد، سمرتيون، درگا جا نوَ روپ.

مسلمانن ۾ قيامت. سڀ لاش قبر مان هڪ وقت اُٿندا ۽ خدا ڪين سندن ڪرمن موجب جنت يا دوزخ ۾ موڪليندو.

منهنجو پيءُ زميندار. اُن وٽ هاري ناري ۽ اڳواڻ اچن ۽ بحث ڪن. مان اُهي ٻڌان، نہ تہ پڙهڻ ۾ مشغول. چار درجا سنڌيءَ جا پڙهڻ بعد چار انگريزي پڙهي پنجين ۾ داخل ٿيو آهيان ۽ ان جو امتحان ڏيئي چڪو آهيان ۽ هائي راڄا مندر کان تورو اڳيرو ماڊل هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهيان. ماستر صاحب اخبارون پڙهڻ تي زور ڏي، جنهن مان خبر پيم تہ ٻي مهاياري جنگ چالو ٿي چڪي آهي. مهاتما گانڌيءَ، "انگريزو ڇڏيو هندستان" جو نعرو هنيو آهي. سڀاش چندر، آزاد هند فوج ناهي آهي ۽ محمد علي جناح مسلمانن جي هوم لينڊ لاءِ پاڪستان جي گهر ڪئي آهي. پر مان اِهو سڀ ڇئي ڏيان ٿو مون اڳيان اِهي ڳالهيون وقت گذرڻ بعد کُلڻ لڳيون ۽ صحيح پس منظر ۾ سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون. گهڻا ڪوڙ سچ مون اڳيان ظاهر ٿيا آهن.

مان پنهنجي المستيءَ ۾. سنڌ ۾ ناٽڪ جي جڙ پوڻ لڳي. مگر سکر ۾ اَجا اِها حالت نہ هئي تہ ڪا ڇوڪري اسٽيج تي اچي، جا حالت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪڏهن هئي.

سنڌ ۾ ناٽڪن جي شروعات حيدرآباد جي ڪاسائين ڪئي. اردوءَ تان الٿا ڪري " خوبصورت بلا"، "دل - نادان"، "فرياد مجنون". تڏهن ناٽڪ اڪاڊميون ڪونہ هيون جو ڪين اڪادمي انعام ۽ سنڌ گورو پرسڪار ڏين. خير پور رياست جي ڇُڪِي پي اُهي موتمار ڊائلاگ چوندا هئا جو سڄي دنيا جون نعمتون اُتي سجدا ڪنديون هيون.

مونکي خراب لڳي رهيو هئو تہ مونکي ساڙهي ٻڌي پئي وڃي. ڇاتي تي بہ ڪپهہ ۽ ڪپڙي جون ٿهيل بہ ابتيون شنمپين لڳايائون. اکين ۾ ڪجل. چپن تي لعلي. ڳلن تي سرخي. ڪانئن سان لڳل

آهي ڪوئي؟ ڪوئي آهي؟"

تہ حاضرين مان هڪ جوان اُٿي چيو؛ "مان آهيان. مان آهيان. انارڪلي."

تاڙيون وڄي ويون.

ناٽڪ ختم ٿيو تہ ماڻهو اسٽيج ڏانهن ڪاهڻ لڳا. ڊائريڪٽر ٻانهن کان جهلي ٻاهر وٺي آيو ۽ ٽانگي ۾ وهاري مونکي گهر ڏانهن وٺي هليو. ٽانگو پنهنجي مخصوص انداز ۾ هلڻ لڳو. ٽاپ ٽاپ. ڇم ڇم. ٽاپ ٽاپ. ڇم ڇم. اگر مان ڇوڪري هجان ها تہ اُن جوان تي عاشق ٿي پوان ها.

مون ميڪ اپ ڪونہ لاٿي هئي. مٿي ۾ ماڙ تي پهچي مان دريءَ تي پهتس تہ ڏٺم اهو ئي جوان بيٺو هئو. سامهون واري نم جي وڻ هيٺيان. ميڪ اپ بدلايم وري دريءَ تي آيس تہ اڃا بہ بيٺو هو. جمع ڇنڇر. آرتوار. ٽي ڏينهن ناٽڪ هليو. ٽئي ڏينهن هن اُٿي چيو، مان آهيان! مان آهيان!!.

ڪو مسلم جوان هئو. اکين ۾ درد. فراق ۾ اداس اکيون کڙڪي تي. خبر ڪونہ هيم تہ ڪنهن وڏيري جو پٽ هئو.

آتوار شام وري مان مٿي ۽ هو وڻ هيٺان. مان سوچڻ لڳس تہ آخر هو ڇو ٿو اچي. ڪيس ڇا کپي؟ اُن شام مان گهر ۾ اڪيلو هوس. مون ڪيس آگر جو اشارو ڏنو ۽ هو اُمالڪ مٿي چڙهي آيو. مان ڪٽ تي ويٺس ۽ هو کڙڪي جي ڀني تي ويهي مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

"توکي ڇا کپي. ٻہ راتيون ۽ ٻہ ڏينهن تون هيٺ بيٺو آهين؟"

"مون کي تون کپين انارڪلي"

"مگر مان انار ڪلي نہ آهيان."

"مهلقا آهين تون. جان بهار. جان بلبل. طوفان محبت. جان- من. جاني جان...."

"مگر مان مرد آهيان."

ائين چئي مان پنهنجي ساڙهي لاهڻ لڳس. وار بہ لاٿم. ڇاتي تان ٻڙا بہ.

شايد ڪيس صدمو رسيو. هن درد مان چلايو، "هي ڇا انارڪلي!" سندس مٿو ڦرڻ لڳو ۽ هو چڪر کائي ٻہ ماڙ منزل تان هيٺ ڪري

دريءَ وٺ وينيءَ هئي ۽ هٿن ۾ هڪ اردو رسالو "شمع" هئس. مسلمان سگريٽ ٿي ڇڪيو.

ڇوڪريءَ کي سلوار ڪرتو پيو هئو ۽ اسان کي گاڏي ۾ چڙهندو ڏسي ڏپٽي جو پلاند مٿي تي رکيائين. ائين ڪرڻ سان سندس ڍڪيل ڇاتيءَ جو ڪجهه حصو واڪو ٿي پيو ۽ اُن جو اُڀار ڏسي ڇاتيءَ اندر هڪ ڪڏهن به نه ڇاتل جهڻڪي واري مهڪ جو احساس ٿيم. لڳم ته رت ۾ ڪجهه ٻرڻ لڳو آهي ۽ ڇاتي ٿوري چوڙي ٿيڻ لڳي آهي. ڪوشش ڪيم ته سندس چهرو ڏسان جو ڍڪيل هو ۽ مان گهڻو وقت اوڏانهن نهاري به نٿي سگهيس.

مون کي ان وقت ان جوان جو خيال آيو، جنهن انارڪلي جي يومڪا ۾ منهنجي نقلي ڇاتي جو اُڀار ڏنو هئو ۽ ڪيس به ان قسم جي خلش ٿي هوندي ته ڪيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايان ۽ رات جو هڪ ساهه ڪٽان.

مونکي اِهو به ويچار آيو ته ان قسم جي ڪشش مون اڳ ڪڏهن به نه محسوس ڪئي. ڇا اهڙا ڪي جسم، اهڙا ڪي رت ٿيندا آهن جي ٻين کان وڌيڪ چٽنگ لڳائيندڙ روح افروز ٿيندا آهن... اهڙي ڪشش ته مون ڦٽندڙ جوانيءَ جي ڪنهن به خواب ۾ محسوس نه ڪئي هئي.

ڪهڙو به چهرو هجي هن جو، مان به هن وڏيري جي پٽ جيان سندس پيڇو ڪندس....

نه نه، هيءَ ڪا ناٽڪ جي اداڪار نه آهي.

هوءَ واقعي هڪ ڪمسن دوشيزه آهي.

سکر ڇڏي وڃڻ تي مون کي ٿي خيال آيا:

- عشق ڌرم ۽ مذهب کان مٿي آهي.

- ڌرم ۽ مذهب هڪ ٻئي لاءِ باعث نفرت آهن.

- ڌرتي سان پيار ايڪتا پيدا ڪري سگهي ٿو.

اسٽيشن تي هندو چانهه- مسلم چانهه، هندو پاڻي - مسلم پاڻي، هندو تعليم - مسلم تعليم، هندو ڌرت - مسلم ڌرتي ۽ هندو راڄ - مسلم راڄ کي جنم ڏيئي سگهيا ٿي.

اسٽيشن تي هندن سان گڏ ڪي چڱا مسلمان به آيا.

"ديوان صاحب صدين کان رهيا پيا آهيو سکر ڇڏي ٿا وڃو؟"

ڏسان ته پيلي ڊُپٽي جو آنچل ڦر ڦر ڪندو منهنجي منهن کي ڇهي رهيو آهي. ڄڻ پوپٽن جو هجوم گلن جي جهڳٽي کي ورائي ويو آهي.

مان آهستي اُتي اُن ڊَپٽي جي آنچل کي مٿين ڄڱهه طرف رکان ٿو.

اِها شاعري پل هجي مگر بدتميزي آهي جو مان هڪ ننڊ ۾ سُتل خوبصورت ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريندو رهان- اگر سندس پيءُ ۽ منهنجو پيءُ جاڳيل هجن ته ائين ڪري به نه سگهان.

اجنبيت جي پنهنجي مرجاتا آهي. اجا ته هوءَ مون لاءِ اجنبي آهي مگر اُهو ڊپٽي جو ڦڙ ڦڙ ڪري منهنجي منهن کي لڳڻ جو رومانس به مان ڪڏهن وساري نه سگهندس. مگر مان ور ور ڪيس وسارڻ جو ڇو ٿو سوچيان؟-

هوءَ منهنجي بلڪل نزديڪ سمهي پيئي آهي ۽ مان ڪيس ڇهي ٿو سگهان، چمي ٿو سگهان. ڪي اجنبي دوريون قائم آهن مگر لڳي ٿو ته هوءَ اگر آهي ته منهنجي ئي آهي.

هوائن جي خوشبوئين ۾ مونکي ننڊ ڪٺي وئي. حيدرآباد بعد جڏهن ڪوٽڙيءَ جي پل آئي ته گرگراهٽ جي آواز ۾ اکيون کليون. پهرين مٿي نهاريم، اُتي هوءَ ڪانه هئي. پيشانيءَ تي لٽڪي آيل وارن کي ٺاهي پهرين هڪ پل سامهون ۽ اُن بعد هيٺ نهاريم. درياه شاهه کي ڏسي اڪثر منهنجي ذهن ۾ ڪي اڻ سڃاتل برفاني چوٽيون ظاهر ٿينديون ۽ مان اڪيلو برفاني وادين ۾ هلندو رهندس. ڄڻ ڪنهن جي تلاش. مگر هاڻ اُهي برفاني چوٽيون اکين ۾ ٽٽيون اڇن. اُن موسم ۾ سنڌوءَ ۾ پاڻي ڪجهه گهٽ هئو. ڪٿي ڪٿي ڪي ٻيٽاريون ڄڻ تنها روح، ڪوٽڙي آئي ته نظر منگهن ڏانهن ويئي. پوءِ ڪجهه ساوڪ. اُن بعد ڪوٽڙي اسٽيشن ۽ وري سفر چالو. مان هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ نيپڪن کڻي باٿ روم ۾ ويس ۽ وارن ۾ هلڪو گل ٺاهي واپس اچي ڄڱهه تي ويٺس.

ڪليڪٽر چئي رهيو هئو. "ته اِها ڳالهه آهي! خوامخواه جوان جي حادثي سبب ماٺل لا لڳو. نيڪ آهي. پل اوهان الڳ رهو. ڪليڪٽر آهيان بندوبست ڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي، سون ۽ چاندي کڻي آيا آهيو ته وياج جو ڏنڊو سنو ڪري سگهندا."

مون هن ڇوڪريءَ کي چيو، "مان هيءَ اخبار ڏسان؟"

نہ ٻجھندڙ پياس. ۽ ھي رستو؟ ائين تہ ڪونھي تہ جو رستو مان لنگھي آيو آھيان، اُھو ٿري اڳيان وڃي ھن رستي سان جڙي ٿو وڃي؟

مان تاڻ ۾ اکيون بند ٿو ڪريان. لڳي ٿو جسم جون رڳون سخت ٿي رھيون آھن ۽ ڪا زبردست ٺنڊ منھنجي اکين ۾ داخل ٿي رھي آھي. مان اندر ۾ جدوجھد ٿو ڪريان. اُھي ئي برفاني پھاڙ ۽ واديون. ويراني ۽ خاموشي ۽ مان اڪيلو. مان چاھيان ٿو تہ رڙ ڪريان جو ڏسان ٿو تہ بابا چئي رھيو آھي، "پٽ اُٿ. ڪليڪٽر صاحب جا چوندو؟"

تہ آخر ھي؛ رستو ختم ٿي ويو! نہ. ڪمبخت اجا بہ اڳيان ٿو وڃي. البت ڪار بيھي رھي آھي. مان لھان ٿو. ڪليڪٽر خود مٿي وٺي ھلي ٿو. ھوءَ ڪانہ آئي آھي. لڳي ٿو، مٿي ۾ سور پوڻ لڳو آھي.

اسين ھال ۾ پھچي ٿا وڃون.

ھوءَ پياني پرسان بيٺي آھي. ڪيس ڏسان ٿو ۽ ھڪ ڪن ۾ مٿي جو سور لھي وڃي ٿو.

بابا سان رسمي طور ڳالھائڻ بعد ڪليڪٽر چيو، "سحر پٽ، ھن کي پنھنجي لئبرري ڏيکار ۽ ڪيس شاھہ جو رسالو ڏج." مون ڏانھن منھن ڪري چيائين، "جنھن ڏينھن سنڌين شاھہ لطيف کي وساريو، سنڌي صفحہ ھستيءَ تان مٽجي ويندا."

مان آھستي اُن پياني ڏانھن وڌيس. چاھيم تہ فاصلو ڪار واري رستي جيان اننت ٿي پوي، جيئن مان ڪيس گھڻو ڏسي سگھان مگر پتو بہ نہ پيو تہ ايترا قدم ھڪ ڪن ۾ ڪيئن کنيم.

ھوءَ ھڪ روم ۾ وٺي ھلي، جتي ڪتابن جا ڪيترا ڪٻٽ ھئا. انگريزي، سنڌي، اردو.

"ڪھڙا ڪتاب پسند ڪرين وشنو؟"

"مان وشنو ڪونہ آھيان."

"پر ٽرين ۾ مون اھو نالو ٻڌو."

"اِھا صبح جي ڳالھہ آھي."

ھن آنچل جي ڪنڊ وات ۾ اٽڪائيندي چيو، "اوھو، اھو صبح ھئو! يعني اوھان جو نالو الڳ پھرن ۾ الڳ. صبح ھڪ، شام ٻيو. منجھند ھڪ، رات ٻيو. سنجھا ھڪ، سحر ٻيو." ۽ ھوءَ مشڪڻ لڳي ۽ ٽورو ڪلي بہ. لڳو ڪنھن جھرڻي يا چنجي ڪنھن فائونٽين پرسان بيٺو

سامهون هئي، ڏٺي هئي، مان وڏيڪ ڏٺو ۽ ڦڏاوڻ، کلها موڪرا.

اوهه- هيءَ زندگي ڪيتري خوبصورت آهي. اُن جو درد خوبصورت آهي. ان جا زخم خوبصورت آهن. هن جي هٿن سان مون لاءِ زندگيءَ ۾ ڪو مطلب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪر ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايانس. نه، مان فقط ايستائين سوچي ئي سگهان ٿو.

"توکي لڳي ٿو ته اسين اڳي به ڪڏهن مليا آهيون؟ جڏهن عمر ۾ اجا به وڏا هئاسين؟" سحر پڇيو.

"ها لڳي ٿو. مگر ڪڏهن ڪٿي، ڪجهه ياد نٿو اچي!"

"مون کي لڳي ٿو تون منهنجي احساس جو روح آهين ساحر."

"مون کي لڳي ٿو تون منهنجي روح جو احساس آهين سحر."

۽ اسين واپس هال ۾ آياسين.

بابا ۽ ڪليڪٽر ڳالهين ۾ مشغول هئا ۽ ڪُلا ۽ ٻڌا ٺهڪ ٿي ڏنائون. بابا به ڌوتي نه، انگريزي پتلون پاتي. ڪليڪٽر اسان ٻنهي مان ڪنهن ڏانهن به نه نهاري پنهنجي ڪردار جي واقفيت ڏني. هو ٻئي ڪوشراب پي رهيا هئا ۽ سحر پنهنجي هٿن سان شربت جو هڪ گلاس آڻي مون کي ڏنو.

"۽ تون ؟"

آهستي چيائين، "مون ته ڪافي پيتي آ ُسائين."

مون کي لڳو ته هزار دفعا ٻڌل اهو لفظ مون کي صاف، ڌوتل، اڇوتو اڳ نه ٻڌل لڳو. پورو برهمانڊ هڪ هٻسو ۾ بند آهي.

بابا هڪ دوست وٽ مٺي در هليو، جنهن کي سکر ۾ داروءَ جو ڏنڌو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺي هئي. ٻڌم ته تنهن زماني ۾ لک ڪمايا هئائين. پيو سکر ايندو ويندو هو. نالو هئس پرسرام. بابا جون ڳالهيون ٻڌي هن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ بابا کي چيائين، "سو تون بندر روڊ تي رهندين ايڪسٽينشن تي؟"

جڳهه تي وڃنيون. نه چاهيندي به اُنهن جي گفتگو ٻڌم، جنهن ظاهر ڪيو ته ڪنواريون هيون.

" ته توکي کهڙو ڳانو پسند آهي؟"

"ڇڪ ڇڪ سيَان- سيَان- ڇڪ ڇڪ...."

" ته پوءِ هو به وٺيو هوندءِ؟"

"کهڙو؟"

"جواني ڪي ريل چلي جائي ري. يهه چلي. يهه چلي...."

"هه هه ... ۽ توکي!"

ڇاتيءَ تي هٿ رکي، "مار ڪٽاري مر جانا. يهه اکيان ڪس کو دکانا نا!. . . ."

لهندڙ سج جي پيلي روشني ۾ سون جي ٺهيل ڪراچي. وڏا شاهي رستا. فٽ پاٿون ۽ تنهائي. اُهو شهر جو خود ۾ هل اسٽيشن. پاسن کان وڻ. مارچ جا پيلا گل. وڻن ۾. زمين تي. اکين ۾. ڪابه گپا گيهه نه. هلندو وڃجي. ڪلفٽن وڏيڪ تنها ۽ صدر بزار جڻ وهندڙ سنڌو. ماٺهو بيٺا آهن ۽ رستو هلندو تو وڃي. بورڊن تي فقط ٻه ٻوليون؛ سنڌي ۽ انگريزي. اُردو لائيٽ هائوس ۽ ڪارپوريشن بعد ڏسڻ ۾ اچي.

اسان مئٽرڪ پاس ڪئي سين مگر سحر نه ڪڏهن منهنجي گهر آئي ۽ نه ڪڏهن مان ڪيس سندس گهر ڪان ٻاهر وٺي ويس.

مان بنگلي جا ڏاڪا چڙهندس ته ڏاڪا جڻ سنگيت جا پد ٻڄندا هوا ۾ سنها پردا لهرائيندا. هوءَ اهو ڄاڻندي ته منهنجو وقت ٿي ويو آهي، پيانو وڄائڻ شروع ڪندي. ڪنڌ ۽ ڪلهن ۾ لوڏ. اکيون ڪاپي- ساڄي مون ۾.

پوءِ ايندي وهندي ۽ شعر ٻڌائيندي. ڪڏهن ڳائيندي؛ جب من ۾ ستائي غم- تو ڇيڙ سکي سرگم.....

مان اڪثر چپ - سوچيندس؛ مون زندگي ڏٺي آهي ۽ زندگي ٿوري وقت ۽ مخصوص ماحول ۾ ڏٺل رومانچڪاري آهي. محبت ڪجهه بچائي رکجي. پوري محبت ختم ڪرڻ بعد زندگيءَ ۾ ڪو خاص مطلب نٿو رهي. ڪجهه هجي،جو مسلسل هجي. ۽ نئون هجي. پيار يل پهرين اکين تائين هجي. اِهي ڦهليل گيسو. اِهي اَيار. هاٿيءَ جي رانن جهڙيون لچڪ ڀريل ٽنگون- مرمري ٻانهون. پري ڏسندڙ اکيون. رس

نڪتين ته نه تنهنجو چهرو سهميل هئو ۽ نه اکين ۾ چمڪ هئي. اِهو سنڌي ڪلچر آهي. اشرافت.

اِن ڪري تون هتي اچڻ لڳين ته وڻڻ لڳين. مان لبرل آهيان جو يورپ ڏٺو اٿم. مون کي هندو عورت نه ملي ته اُن هڪ سبق سيکاريو ته مذهب رڪاوٽ نه بڻجڻ گهرجي. اُهو سڀ قبول ڪجي، جنهن مان ڪجهه جڙجي. ڪم جوڙڻ جو ڪرڻ گهرجي.

مان توهان کي سچ پچ ڪار ڏيئي نه سگهندس جو سرڪار جي آهي ۽ خانگي ڪمن لاءِ ڪم ۾ آڻڻ ايمان جي ڳالهه نه ليکبي. مون طرفان ڪا بندش نه آهي. اوهين دنيا ڏسو.

سو اسين هاڻ ٻاهر نڪرڻ لڳاسين. اڪثر آچر صبح ۽ ڪنهن شام.

ساون کي نظارے هين

آها - ها آ........

پتو نه پوندو هئو ته اسين ڪير آهيون.

هڪ دفعي ائين ٿيو ته اسين لورس برج تي وينا هئاسين. مون کي خيال ٿيو ته سيائي لاءِ بچايل خزاني مان هڪ چمي چورائي ڪيس ڏيان. اسين ڪلفٽن طرف وينديءَ آمريڪي هاسٽل پرسان هڪ بنگلي مان رستو ڪڍي، ڪنهن طرح اُتي پهتا هئاسين. اسان کي دين دنيا جي ڪا خبر نه هئي. آزاديءَ جي هلچل کان به ٻاهر هئاسين. اسان جي محدود دنيا پوري برهمانڊ کان وڏي هئي جو دل ننڍي آهي پر من جو سنسار وڏو آهي.

مون هن طرف منهن ڪيو ته هن مشڪيو. هن پنهنجو هٿ وڌائي منهنجي چپن تي رکيو. "سائين ڪجهه سياڻ لاءِ به ڇڏيو."

"مگر هيءَ اگ......"

هو کلڻ لڳي. هن ڪنڌ مٿي آڪاش ڏانهن ڪيو.

۽ اهو سڀ مون کي سندر لڳو.

۽ اُن ڪن ......

اوچتو هڪ جيپ سامهون بيٺي. اڳيان به ۽ پٺيان چار آمريڪي سولجر ويٺا هئا.

ڊرائيور سحر کي اک هڻندي چيو، "ڪم. ڪم هيئر. آءِ ول گِوِ

سحر هئي ۽ نہ ڪليڪٽر.

"بابا، آمريڪي سولجر مون تي گولي هلائي!"

"تون اِن پاسي وئين ڇو؟"

"ڪالهہ دل تي."

"ڪالهہ؟ ٽي ڏينهن اڳ."

"بابا سحر ڪٿي؟"

"ٻہ ڏينهن اڳ ان جو لاش......"

"سحر جو لاش! بابا سحر جو لاش! بابا سحر مري ويئي."

"هن جو لاش لورس برج هيٺان ريل جي پٽڙي تي ڏٺو ويو!"

"بابا ... سحر مري ويئي!"

"رات جو دير تائين ڪليڪٽر توهان ٻنهي کي ڳولهيندو رهيو. پوليس پهرين توکي ڏٺو. توکي هتي ڪليڪٽر ئي آندو. تون بيهوشيءَ ۾ چئي رهيو هئين: پريو، سحر کي بچاءِ. پريو، سحر کي سولجرن کان بچاءِ......"

"پوءِ بابا؟"

"ڪليڪٽر کي ٽيون ڏينهن پوليس ٻڌايو تہ......"

"۽ پوءِ؟"

"ڪليڪٽر واردات تي ويو. هن ڏيءَ جي لاش جا ٽڪر ڏٺا ۽ هن بندوق ڪٺي پاڻ کي ماري ڇڏيو."

منهنجي اکين اڳيان، منهنجي اکين ۾ آيل ڳوڙهاڻ سبب، اُهو لال تيل رستو نظر آيو.... منهنجي پنهنجي اکين جي سامهون منهنجي دنيا برباد ٿي ويئي. ان جو مون کي غم تہ آهي مگر سحر کي ڪيڏي تڪليف ٿي هوندي ۽ هو گريٽ ڪليڪٽر ... ڪجهہ بہ تہ نہ آهي زندگيءَ ۾. باقي مان ڇو بچيس. گولي ڪلهي تي ڇو، سيني ۾ ڇو نہ لڳي!

جنهن منهنجي چپن تي هٿ رکيو، اُن سان ڇا ٿيو....؟ منهنجو لڱ لڱ ڪنبڻ لڳو. مان ٿي ڏوهاري آهيان. مون کي ڦاسي تي لٽڪايو وڃي. مان جيئڻ نٿو چاهيان... مان جيئڻ نٿو چاهيان... . جيئڻ ۾ ڪجهہ آهي بہ تہ ڪونہ .

۽ هڪ دفعو وري مان بيهوش ٿي ويس تو.

آهين؟"

مون ڪنڌ ڌوڻيو.

"تہ تون چاهين ٿو تہ توکي ڦاسي ڏني وڃي؟"

مون اکيون ٻوٽي ۽ کولي، نهار سان ها ڪئي.

"توکي بہ ڦاسيون اڇڻ گهرجن."

مون هلڪو مشڪيو.

"سڪر ۾ تون وڏيري جي پٽ کي ڪنهڙي مان قتو ڪيو! قبول ڪرين ٿو؟"

مون ڇرڪ ڀريو، پر لڳايل نئين الزام تي ڳالهائڻ لاءِ مجبور ٿيس.

"اوهين تہ سڀ ڄاڻو ٿا."

"يعني تون اُهو گناهہ بہ قبول ڪرين ٿو؟"

"مان اُهي سڀ گناهہ قبول ڪريان ٿو جي مون نہ ڪيا آهن؟"

"ڪهڙو گناهہ آهي جيڪو تو نہ ڪيو آهي؟"

"اوهين ٻڌايو."

"تون هن ڌرتيءَ تي بار آهين."

"بار ڊوهيو؟"

"توکي موت جو ڊپ نٿو ٿئي؟"

"اوهين منهنجو گناهہ ثابت ڪرڻ جي پيٽ ۾ مقالميبازي ڪرڻ پسند ڪريو ٿا. لڳي ٿو اوهان سڪندر ۽ پورس جا ڊئلاگ ٻڌا آهن. پر مان بہ اوهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيان. مرڻ وارو ڪڏهن پنهنجو موت نٿو ڏسي اِن ڪري موت کان ڊپ نہ ڪجي. هڪ تہ جي اُهو نہ ايندو تہ ڊپ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪونهي ۽ ٻيو تہ جڏهن ايندو تہ مرڻ واري کي اُن جي خبر ڪونہ پوندي. ڪوبہ چئي نہ سگهندو تہ هن پنهنجو موت ڏٺو آهي، اِنڪري موت جو ڊپ ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي."

هن ڌرتيءَ سان پاسو ورائي جج ڏانهن منهن ڪيو ۽ چيو مي لارڊ! هن کي اهڙي موني سان ڦاسي ڏني وڃي، جيئن هن کي پنهنجي گناهہ سان گڏ پنهنجي موت جو احساس ٿئي."

جج مون ڏانهن نهاريو. شايد مان ڪيس وڻيس. جي قلم مون مٿان لڳايا ويا، اُن تي اپياس ڪرڻ لاءِ هن فتوي لاءِ هڪ ڏينهن ڪاروائي

چمان ها. سندس اکين ۾ آيل ڳوڙها اگهان ها. چوان ها: مون لاءِ تون اهڙي ئي آهين جهڙي هئينءَ. مان توکي اوترو ئي پيار ڏيندس. نہ جسم تجارتي چيز آهي نہ تو تجارت ڪئي آهي.

تون مون لاءِ ٿورو ترسين ها منهنجا پريم.

ٿورو....

هڪ پل....

منهنجي پيار جي ڪجهہ وصعت ڏسين ها.

ڇهان نہ ها توکي، اگر تون نہ چاهين ها.

بس قريب رهان ها تنهنجي، هڪ چت هينان.

ٿورو ترسين ها.

خدا توکي مون لاءِ ناهيو اهڙو

جو ڪيس مون تي رشڪ ٿيو

۽ هن توکي پاڻ وٽ گهرايو

۽ پنهنجي خدائيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو!

مان اُن رات جيل ۾ ٽٽڪندو رهيس. مونکي لڳو تہ هن برهمانڊ ۾ ڪا تنظيم هجي نہ هجي، مگر هتي اهڙو ڪو 'گاڊ' 'خدا' 'ڀڳوان' ڪونهي جو پالڻهار، ڏک سک ۾ مدد ڪندڙ ۽ مجبور جي دانهن ٻڌندڙ هجي. يا شايد هو ڊپ ۽ خوف جي پيداش آهي شايد هو ڊپ ۽ خوف کان بچڻ جو رستو آهي. پيغمبر، سنت فقير، درويش فقط زخمن تي ملم هڻڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن.

بابا، سيٺ پرسرام ۽ سکر جي هڪ مسلمان دوست سان گڏ آيو. ڪجهہ وقت ڪجهہ چيائين ڪونہ... فقط شيخن پنيان بينل پٽ کي ڏسندو رهيو ۽ اُن بعد آهستي چيائين:

"جڳهہ جي چابي جنٺي سان ٻڌي رکي اٿم. ان تي تنهنجو حق. بنيون يار الله بخش کي ڏنيون اٿم. جي زمين تي هر ڪيڙين زمين تي اُن جو حق. وقت گذري ويندو. تون آزاد ٿيندين تہ پوءِ مان تيرٿن لاءِ هردوار هليو ويندس. هاڻ نتو وڃان جو تي سگهي ٿو گهٽي ڏک سبب واپس ئي نہ اچان. تنهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي، ۽ تون جيل ۾ بند آهين. آزادي ايندي تہ نوان قانون ٺهندا. آزادي ايندي تہ تون آزاد ڪيو ويندين.

"سنڌ پاڪستان ۾ وڃي رهي آهي."
"ها."
"اگر تون پاڪستان مان هندستان هليو وڃين ته توکي مان ڇڏي سگهان ٿو."
"پر مان سنڌ مان ڇو وڃان؟"
" لڏ پلاڻ ته ٿيڻي آهي. مان چوندس ته تون جيل مان ڀڄي ويو آهين."
"اهو ڪم توهان ڇو ٿا ڪرڻ چاهيو؟"
"ڇو ته تون بي قصور آهين."
"ء ؟"
"ء تون منهنجي قوم جي هڪ مسلم عورت سان عشق ڪيو آهي. مان مسلمان آهيان، سو ايمان جي تقاضا آهي ته مان توکي ڀڄڻ ۾ مدد ڪريان؟"
"وڏيڪ؟"
"تون چاهين ته تون مسلمان ٿي سگهين ٿو. توکي مان سهڻي ڇوڪري وني ڏيئي سگهان ٿو."
"اهو توهان جو ايمان چوي ٿو؟"
"نَا"
"توهان مون کي اتي ۾ پهچائي سگهو ٿا."
"ويندين ڪيئانهن؟"
"وار ۾ آڌ ڪراچي خالي ٿي ويئي. ڏاڙهي مڇون ۾ رکايون اٿم، نالو بدلائي ڪٿي رهي پوندس."
"نيڪ آهي."
سو پاڪستان ٿئي، آن ڪان اڳ راتوواهہ مان جيل مان ڀڄايو ويس. مون جيلر صاحب کي وينتي ڪئي ته تورا پئسا ڏينم ۽ هڪ ٽئڪسيءَ جو بندوبست ڪري ڏي.
ء مان رات جو اٽڪل ٻي بجي ڪراچيءَ ايڪسٽينشن تي ڪليڪٽر لطف الله جي بنگلي پريان واري فوٽ پاٿ تي هيٺ لهي بيٺس.
بنگلي ۾ ڪا روشني نه هئي. مان ڪاني وقت يڪ ٽڪ اوڏانهن

ڪليڪٽر وٽ مون اردو سکي ۽ کي ڪتاب بہ پڙهيم. جيل ۾ سڄو قرآن شريف پڙهيم. شريعتي قائدا پڙهيم. گيتا پڙهيل هئم، پوءِ بائيبل پڙهيم. جارج برنارڊ شا، برٽينڊ رسل پڙهيم. کي ڪتاب فيلسوفيءَ جا بہ پڙهيم.

مون کي لڳو تہ:

– هندستان قوم جي نئين تصور موجب نئين قوم بڻجڻ جي اوسر ۾ هئو.

– هندستان جي سڃاڻپ اُن جو ڪلچر هئو.

– پهرين هتي دراوڙ پوءِ آرين ڪلچر هئو. ٻنهي ڏي وٽ ڪئي.

– هندو ڪلچر ۽ مسلم ڪلچر مان هڪ مرڪب ڪامپوزٽ بڻيو هو، جنهن موجب سڀ هندستاني برابريءَ جي سطح تي ساڳيا هئا.

– ڪلچر ائين تہ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ويس وڳي، رسم رواج، اُٿڻ ويهڻ، ڪاڏي پيتي سان لاڳو هئو، مگر ڪلچر پنيان تاريخ جو اثر هئو ۽ اُن مٿان آرٽ ۽ سماجڪ دٻاءَ ڪم ڪري رهيا هئا، مگر ڪلچر مکيہ طور زمين جي هڪ خطي ۾ رهندڙماڻهن جي گڏ پوڳيل انيون مان اُپجيو ٿي. جو جوڙڻ جو ڪم نہ ڪري اُهو ڪلچر نہ آهي ۽ اُن ڪري هندو ڪلچر ۽ مسلم ڪلچر ٽڪرَ ۾ اچڻ بدران هڪ ٻئي کي پنهنجو بهترين علم ڏين. ٽڪراءَ ورهاڱي ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. ورهاڱو وڏيڪ درد ۽ مسئلا پئدا ڪندو.

– هندستان جي صوبن جو بہ ڪلچر مرڪب آهي. سنڌ جو ڪلچر صوفي آهي جو تہ اهو ڪامپوزٽ ڪلچر آهي.

– هندستان جي آزادي ۽ پاڪستان جو جنم پنهنجي ڪک ۾ اُهي لعنتون ڪٺي ايندو، جي برٽش راڄ کان اڳ هتي قائم هيون. اسان کي آزادي گهرجي. سڄي مڪمل.

– صوبن جا ڪلچر– سڀ ڪلچر آهن.

– ورهاڱو تاريخ جي وڏي تجربي، ڪامپوزٽ انڊين ڪلچر کي ختم ڪري سگهي ٿو.

آهن. هر ٽرين جا هندستان کان پاڪستان اچي ٿي، اُن ۾ پاڪستان کي جنم ڏيندڙ بهادر آهن. ڪي زخمي آهن، ڪن جا لاش آهن. هندستان ويندڙ فقط هڪ گاڏيءَ تي حملو ڪيو ويو آهي. سنڌي مسلمان هندن جو بچاءُ ڪري رهيا آهن. پاڪستان ڪي سنڌي مسلمانن ڪان بچايو وڃي، ۽ اسان جو ازم آهي: هنس هنس ڪـے ليا ہے پاڪستان- لڙ لڙ ڪے لين گے پاڪستان!

فوٽ پاٿن تي هوٽلون کلي ويون آهن؛ هوٽل اسلاميه! ڪاڏي مٺان ڍير مڪين جا. چوڌاري طرف برقعن جون قطارون جي اڳ ڪراچيءَ ۾ نه هيون ۽ بندر گاهه ڏانهن ويندڙ اُٺ گاڏين جو ڪاروان ......

ڇاتي ۾ نشتر ٿا هلن ته ڇا فرقي پرستي هندستان ۽ پاڪستان جو مقدر آهي؟ ........ ڌرتي پٽر ڌرتي کان اکاڙيا ٿا وڃن ...... ٻار هوا ۾ ۽ هيٺ تيغا. ڪنهن نه ڏٺيون شرم گاهن ۾ ڪمبڻ ۽ ڪاشيون ....

او وطن او وطن... اِها ته اسان جي منزل نه هئي ته اسين توکان ٿي الڳ ٿي وڃون!.......

منهنجون اکيون بند ٿيڻ لڳيون. مون کي لڳو ته مان ڪو زخمي پکي آهيان ۽ هيٺ وڻن کي ٻاهه وڪوڙي ويٺي آهي، سڄي سنڌ مان دونهان اُٿي رهيا آهن. ڪن پاسن ۾ بادلن مِهر جو مينهن وسايو آهي. دونهين ۾ اکيون پوسرڻ ٿيون لڳن. بارش سبب ڇيڪي مٽيءَ جي خوشبو نڪ ۾ گهمڻ ٿي لڳي. مان شيشن پنيان بند آهيان ۽ ڪير پيانو تي ڳائي رهيو آهي: جب دل ڪو ستائي غم......

هڪ ڪار، رستو، رت ڇٽڪائيندڙ جيپ ۽ مان.....

مان اکيون کوليان ٿو: ڪراچيءَ ۾ ڪيترو ڪجهه سهڻو هئو، جو گم ٿي ويو آهي. سحر، ڪليڪٽر ۽ سنڌ؟ لڳي ٿو ته جو "شاه جو رسالو" ڪپڙن ۾ لڪائي ڪنيو اٿم، اُن کي سنڌ وساري ڇڏيو آهي.

۽ مان ۽ مون جهڙا هزارين ڏڪيا، ڏڪائيا، ليٽڙيون پائيندا ڪنهن سياهه اونهائي ۾ ڪرندا ٿا وڃون....

اُن اونهائيءَ جو ڪو ڇيهه آهي يا نه، ڪجهه پتو نٿو پوي، جو اوسان خطا آهن ۽ ڪِرڻ بدستور جاري آهي.

ڪراچي مان نڪرڻ وقت ڏٺم ته ماڻهو ڪجهه اِن ريت نهاري رهيا هئا ڄڻ ته اسين هنن لاءِ اوپرا هئاسين. نه اکين ۾ حسرت نه مسرت. نه

بمبئيءَ جي پهرين ڪناري ۽ پوءِ ڪنارو نظر آيو. پرھ ڦٽڻ تي هئي ۽ لڳندڙ هير بدن کي فرحت بخشي رهي هئي. هڪ ڪن لاءِ لڳم ته جو ڪجھ اکين سامهون آهي، خوبصورت آهي.

اُن ڪن، ڪن جي هڪ ننڍڙي حصي جيتري اڌامندڙ پول ۾ مون کان پنهنجو وطن، پنهنجي سحر، پنهنجي جلاوطني وسري ويئي. مان هڪ ڪولمبس ۽ منهنجي سامهون هڪ نئين دنيا، نئين اُميد، نئون اُتساھ ..... خوبصورت زندگي. لڳو ته مان پنهنجي ماضيءَ کان صفا ڪٽجي ويو آهيان. هڪ خيالي ليڪ کان هڪ نئين شروعات. پنيان نهارڻ لاءِ ڪجھ ڪونهي. سڀ اُن ليڪ کان شروع ٿئي ٿو. خواب. پور. وهم. اِسپنا. چاهنائون. اُمنگ. آس.....پرم! سنسا- ڏنڊلا ۽ مبهم احساس.

ڏسان ته قبر تي بيٺي بانهون ڦهلائي ڪوشخص ڦهليو پيو آهي.

ڇا مان پنهنجي اڳلي شخص کان الڳ ٿي سگهان ٿو؟ شايد ٿي سگهان ٿو. پر اُهو مان نه هوندس ڪو ٻيو هوندو ۽ مون کي ٻيو نه بڻجڻو آهي، زندگي جيئڻ آهي، تيئڻ، تلخ، شيرين، بي مروت قبول ڪندس. پل پل جيئندس، چاهي ڪيترو ئي پوڙهيان. مان زندگي هٿان هار نه کائيندس. مان حقيقتن کان ڀڄندس ڪونه! منهنجي پريمڪا کي ريپ ڪيو ويو، هن آتم هتيا ڪئي. هڪ جوان وهمي عشق ۾ حادثي جو شڪار ٿيو. اِهي ٻئي درد مون لاءِ بي پناھ هئا ۽ پوءِ به مون کي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو.

ڇو؟-

هن سماج جي رچنا ۾، تاريخ ۾، قانون ۾، مذهب ۾، سنسڪرتيءَ ۾ ڪٿي ڪجھ غلط ضرور آهي، جو مون کي سمجهڻو آهي چاهي ته مان اڪيلو جڳ بدلي نٿو سگهان مگر هڪ نئين سوچ مون کي رستو ڏيکاريندي ته مون کي ورثي ۾ جو مليو آهي، اُهو ڪيئن ۽ ڪيترو سخت ۽ گهرو غلط آهي، اُن کان مان ڪٿي ٽٽان ۽ ڇا سندر آهي، بامطلب آهي، جنهن ۾ عجب ۽ آنند جو انيو آهي، اُن کي پڪڙڻ جي، قابو جهلڻ جي ڪوشش ڪريان.

تي هريل هئي. ماڻهو بہ اڪثر رنگ جا ڪارا ۽ صفا اوپرا. سندن زبان اسان لاءِ فارسي. ٻئي پل هو ڪجهہ پنهنجا لڳا.

مون بابا کي چيو، "اوهين سمجهو ٿا تہ اسين وري واپس هلنداسين؟"

"ها."

"تڏهن جٿئي بہ سکر جي گهر واري چابي رکي آٿو."

"تہ تو ڪونہ ڏنو!"

"ڇا؟"

"مون جهاز جي ڊيڪ تي پهچي اها چابي الله بخش کي ڏني تہ اِها منهنجي امانت اٿئي."

"اڇا!...."

۽ الله بخش چيو: "مان اوهان جو چوڪيدار آهيان. اوهين جڏهن بہ ايندا، مان بدن تي پيل ڪپڙن سميت ڪٽنب سان ٻاهر هليو ويندس."

بابا جي اکين ۾ اڻ لکي پاڇياٽ ڏسي مون ڪنڌ ورائي ڇڏيو.

۽ گاڏي منزلون هٽندي تيز رفتار سان هلي رهي هئي.

پاڻي منهنجي بہ اکين ۾ آيو. اُن ڏينهن بابا الله بخش کي چيو تہ ورهاڱو تہ عارضي آهي. واپس ايندس مان. سنڌ سنڌين جي آهي.

۽ مون کي لڳو هئو تہ ورهاڱي جي دکدائڪ حادثي کان وڌو بابا جو وشواس هئو. ۽ بابا، اهو سوچي تہ واپس موٽي پنهنجي چابيءَ سان پنهنجو گهر کوليندس، اهاٰ چابي ئي ڏيئي ڇڏي؟!

يا بابا ائين سوچيو تہ مهاجر سکر بہ پهچندا ۽ اسان جي گهر جو تالو ڀڃندا، اَن ڪري هن ايمان جو تالو وٺي چابي الله بخش کي ڏني تہ سنڌ جو ٽڪر، ٽڪر جو هڪ ٽڪو، ٽڪي جو هڪ چلڪو، چلڪي جو هڪ خاڪو ۽ اُن جو بہ هڪ جزو تہ هڪ سنڌيءَ کي هجي تہ هندو سنڌي ۽ مسلم سنڌيءَ ۾ جڏهن ڪو فرق ڪونهي تہ چابي وٽس ڇا تہ هن وٽ ڇا؟

۽ هو هڪ ايماندار شخص، چوڪيدار ٻنجي امانت جو بچاءُ ڪندو – ختم ٿي ويو نظريہ پاڪستان، پل اُن جو بوتو باقي هجي.

ڪي ننڍا مندر، هڪ هنڌ مسجد. زمين ڪاري. اوچا جبل. وچ

لڳو. رکي رکي پيرن ڏانهن نهارڻ لڳو.

"پاسي ۾ ڪو ڪاڪوس آهي؟"

"نہ!"

"انگريز جا ڪاڪوس ڪونہ ڪندا هئا ڇا؟" تورو مشڪيائين.

"خيال نہ ڪريو، سامهون خالي سينما آهي. جيستائين اسين پنهنجو نهرايون......"

هو اٿيو ۽ ٻاهران ٿي آيو. انگريزي ڪپڙا پائي چيائين، "هل تہ ڪو ڊاڪٽر ڳولهيون."

هن گهٽي نہ نہ ڪئي، مگر ڪيس سائيڪل تي اڳيان وهاريم. ساڄي ڪابي، هينائين مٿائين هڪ بہ دڪان نہ هئو. ڪي سنڌي ماڻهو ڏٺم جن ٻڌايو تہ فلاڻي طرف هڪ پرائي سرڪاري اسپتال هئي.

اُتي ڪافي ماڻهو هئا. اسان ڪان اڳ آيل ماڻهن ڪي بدليل پاڻيءَ سبب خارش ٿي پيئي هئي ۽ گهٽن ڪي ڦٽ ٿي پيا هئا. اُنهن لاءِ الڳ قطار هئي. اسين اِمرجنسي وارڊ ۾ وياسين. ٻاهر بينڇ هڪ مائي بينچ تي ويٺي هئي.

اندر ڪي ماڻهو هئا.

"امان تون روئين ڇو ٿي؟"

"پٽ ڇا ٻڌايانءِ! منهنجي نهُن ڪي هفتو اڳ پٽ جائو. رات دروازو ڪليل هئو. هڪ سوئر آيو، جيڪو ٻار ڪي وات ۾ ڪٽي ڀڄي ويو. مان پنيان پئي مانس ۽ سوئر ڪي ڏسي وڃي ٻڇيءَ ۾ ٻانهون وڌيون مانس. هن زور سان پاسو ورايو. مان هڪ پاسي تہ ٻار ٻئي پاسي ڪريو. ٻيڳوان ٻار ڪي وڏي حياتي ڏني. پٺهس اندر ڊاڪٽر وٽ ڪٽي ويو اٿس، ملڪ ڇا ڇڏيو اٿئون، اچي نرڳ ۾ پيا آهيون!"

"امان." هڪ جوان ٻاهر آيو. "ڊاڪٽر چئي ٿو تہ ٻار مري چڪو آهي."

مون سمجهيو تہ هوءَ روئندو مگر هوءَ شايد اڳ ئي اُميد لاهي ويٺي هئي. هن چيو، "هڪ پتيورتا اِستري آهيان. ٻيڳوان جناح ڪي.... جو آسان ڪي ماري پورو ڪيو اٿائين."

هو ويا تہ اسين آندر وياسين. مون ڊاڪٽر سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو. ڊاڪٽر بابا جا پير ڏسي اُن ڪي لوشن وغيره هڻي مٿان ملم

آهستي آهستي سنڌي ايندا ويا. آدم آڌ لک جو انگ اورانگي ويو.... ايترا سنڌي فقط ڪراچيءَ ۾ هئا ۽ ٻيو ڪٿي به نه هئا. هٿ حيدرآبادي هجي يا وائيو، ٻئي ڏهو ڪٿي هڪ قطار ۾ تي بيٺا. لاڙڪاڻي جا ٻيهه به هتي پهچي ويا. مڃي ٻهتي مگر ڪوٽڙيءَ جو پلو نه پهتو. ٻاسي واريون ۾ ڪوئيون به پرچي ويون، شايد حيدرآبادي هئا. ڪاڻي دڪان ڪلي ويا. ڪي اِسڪول به ڪليا.

ڍنڍورو ڏياريو ويو ته ائڊمنسٽريٽر جي آفيس مان راشن ڪارڊ ۽ رفيوجي سرٽيفڪيٽ وٺي وڃو. مون 'سحر' ڪنئي ۽ اُن جڳهه تي پهتس جنهن کي هاڻ 'پوائي' چيو وڃي ٿو.

سرڪار ماڻهن کي مفت راشن ڏيڻ جا الڳ ته پيسن تي راشن ڏيڻ لاءِ الڳ دڪان کوليا ته خبر پوي ته گهڻا سنڌي غيرت وارا آهن ۽ گهڻا سنڌي مجبور يا لالچي آهن. خبر پيئي ته آيل ائڊمنسٽريٽر چيف منسٽر جو ڀائٽيو هئو.

مون کي ٿورو عجب لڳو ته راشن ڪارڊ جي قطار تمام وڏي هئي، مگر رفيوجي سرٽيفڪيٽ ڪڙڪيءَ ٻاهران هڪ به ماڻهو ڪونه بيٺو هئو. سمجهيم ته شايد ڪلارڪ موڪل تي هوندو مگر اُتي پهچي ڏسان ته ڪلارڪ ٽيبل کي پنهنجي معشوقا سمجهي آرام سان اُن تي ٻانهون رکي، اکيون ٻوٽي پٽاريو پيو آهي.

شايد وري منهنجا زميندار سنسڪار جاڳڻ لڳا.

"اي مسٽر، تون پگهار ڇا حرام جو ٿو کائين؟"

طاقتور ڪلارڪ ڳاڙهيون اکيون سان سڌو ٿي چيو، "پيٺان، پاڪستان مان ڀڄي آيو آهين ۽ هتي داداگيري ٿو ڏيکارين."

"اِن جو جواب مون وٽ آهي مگر اهو ڪنهن چيف منسٽر يا پرائيم منسٽر کي ڏيندس. تون اِن لائق ڪونه آهين."

ڪلارڪ جون اکيون ڪن تائين ڦاٽي ويون.

"پر توکي کپي ڇا؟"

"رفيوجي سرٽيفڪيٽ."

"راشن ڪارڊ اٿئي؟"

"نه!"

"ته پوءِ مون کي ڪهڙو ثبوت ته تون رفيوجي آهين."

ٻه وٺي سگهندا ۽ رفيوجي سرٽيفڪيٽ سان ڀارت جي ناگرتا ملي سگهندي آهي.“

منهنجون اکيون ڳاڙهيون ٿيڻ لڳيون.

هن مشڪيو ۽ ناٽڪي انداز ۾ چيائين، ”ڳلا ٿوڪيل اٿئي يعني گهڻن سان ٺي سمهيو آهين ۽ هتي ته حسن جي بزار کلي پيئي آهي ڪنهن کي ٻه هٽ ڪان جهلي ڪيڏانهن وٺي وڃ ..... هڪ مون کي اٿي ڏي ته جو گهرين سو ڏيانءِ.....“

مون طوفان جي رفتار سان رکيل ڪرسي ڪنئي، مٿي کڻي ۽ پوريءَ طاقت سان ڪيس هنئي. هن ٻئي هٿ مٿي ڪري ڪرسي ڦيري ۽ زور سان ڪرسي لڳڻ سبب پاڻ پنهنجي ڪرسيءَ سوڌو پٽ تي ڪريو. جوان هئو، اِن ڪري ترت اٿڻ لڳو ۽ پاسي ۾ لٽڪيل روالور ڪڍڻ لڳو.

”مادر ..... تون منهنجي ماءُ ڀيڻ کي وٺشيا ٿو ڪوٺين؟“

”هٿ مٿي ڪر، نه ته شوٽ ڪندوسانءِ.“

مون ٻه پنهنجي قميص لاهي ڪيس پنهنجو ڪلهو ڏيکاريو ۽ پوءِ قميص هٿ ۾ جهلي چيم، ”تو هڪ بندوق جي گوليءَ جو نشان ڏٺو، هڪ ڪميٽيءَ آمريڪي هنئي. هاڻ آزاد هندستان جو آفيسر مون کي ڇاتيءَ تي گولي هڻندو. هڻ! منهنجو هڪ خون منهنجي سنڌين کي بيدار ڪندو.....“

”پاڪستان ۾ مسلمان سان وڙهي ڪونه سگهيا ۽ هت بهادري ٿا ڏيکاريو.“

”مسلمان بدمعاش ڪونه هئا! هڪ مت- ڀيد سبب ورهاڱو ٿيو آهي. هڏ مان تنهنجي روالور کان ڪونه ٿو ڏڪان. مون کي ٻڌاءِ ته اوهين سنڌين کي ذليل ڇو ڪري رهيا آهيو؟“

”مون کي خوشي آهي ته سنڌين ۾ غيرت آهي. ڪرسي سڌي ڪري ويهه ته ڇانهه ٿا پيئون.“ هن پنهنجي ڪرسي سڌي ڪئي ۽ پريان پيل پائيپ کڻي هٿ ۾ جهليائين.

”ڇانهه؟- ڦائدو بدلايو ۽ تون معافي وٺ. هت حسن جون بزاريون ڪونهن- ڪي ديويون آهن جي مندر مان نڪري اوجهڙ ۾ هلڻ ٿيون لڳن.“

برسات جي موسم آئي. برسات پوي ته پوندي رهي ۽ اُن بعد بند نه ٿئي ۽ پوندي ئي رهي. چؤطرف پاڻي. ڳوٺن پاسي هيٺائين تي ڄڻ هڪ سمنڊ. جهوپڙيون مٿي. ڄڻ هيٺ برف ۽ هماليه ۽ اُن ۾ هڪ الڪا پوري ۽ مٿي هڪ يڪش. ڪاليداس ڪجهه اُلٽو ئي ڏنو هوندو. برسات جا الڳ الڳ رنگ. ڪڏهن اوله ڪان اچي ڪڏهن ڏکڻ ڪان. پاڻي هيٺ اچي ڪري ۽ هوا زمين سان ٽڪرائجي وڃي. ڌوتيون ۽ سلوارون گوڏن تائين مٿي ۽ چنيون اُلٽيون. هوائن کي پاڻي جا ڇنبا. اوچتو ڳلي تي زور سان چماٽ لڳندي ۽ ڳاڙهي ڳلي مان برساتي پاڻي وهڻ لڳندو. گرمي لاپتا. ٿڌ چالو. وچ ائين ڪڙڪندي ۽ ڪڪر گرجندا ڄڻ اِجهو ٿو آڪاش جو ورهاڱو ٿئي. وري هڪ سانت. صبح چؤطرف ساوڪ. وري تانسين جي تانيءَ جو: برس برس ڪر برسو.....

مگر سيني جي اندر جا آگ لڳل آهي اُن کي اِها بارش اجا به تيز ڪري ٿي ۽ ڪام شرير کي ستائڻ ٿو لڳي.

مون مستقبل مان هڪ چمي چورائي ڪيس ڏيڻ چاهي، هن وات تي هٿ ۽ ڳچيءَ کي ڏِگهو ڪري آڪاش ڏانهن نهاريو. تڏهن ته اهڙي برسات نه هئي.

واڇوڙا مون سنڌ ۾ ڏٺا. هتي برسات ۾ واڇوڙا. ڄڻ ڦوهارا چالو. برسات بند. هڪ ڌوتل آسمان ۽ وري مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا هتي به ياشڻ. پاڻيءَ جا تلاءَ. ڏيڏرن جي ٽان ٽان ڪجهه ائنٽي- هسٽري ۽ ڪجهه ائنٽي- ميوزڪ.

بمبئي ۾ برسات معنيٰ بسين جا ڦيٿا پاڻيءَ ۾ گم ۽ لوڪل ٽرينون وچ رستي تي بند. آدي رشين ڪنهن تلاءَ ۾ ٻار ڏٺو ۽ برسات ۾ هنن چيو: جلمئي - پرليا ڪجهه ڪونهي. بدليل زمين تي بدليل موسم جو رنگ آهي. ماري ته ڀيانڪ، جي جذبا جاڳائي ته خوبصورت.

مون ته سحر سان ڪلفٽن ويندي فقط محسوس ڪيو: ساون ڪي نظاري هين. پرڪرتيءَ جو بدلجندڙ روپ آهي. اُن ۾ ياوَ اسان جا پريل

ويئي، مگر هڪ پل لاءِ مون کي لڳو تہ شايد منهنجي محبت جي صداقت ڏسي سحر جو روح هن ۾ هليو ويو آهي. هوءَ وجي چڪي هئي- پر مون کي لڳو هوءَ اجا بہ وجي رهي هئي. ڪرسيءَ تان اُٿي، هلي ۽ ٻاهر ويئي. وري ڪرسي تي. وري هلڻ. وري ٻاهر....

مان اُٿيس ۽ ٽيبل جي ڪابي پاسي هيٺ گوڏن پر جهڪيس؛ مون کي سنيال سحر. تو بنا هيءَ زندگي زندگي نہ آهي مگر مان آها بي-زندگي جيئندس - تو کان هڪ پل دور نہ ٿيندس، مگر تون هن ۾ داخل نہ ٿج. نہ ٿج سحر. اگر مان ڪنهن موڙ تي ڦران تہ تون آواز ڏج.... هيءَ دنيا سندر بہ آهي، اُن ۾ خزانا بہ آهن- مون کي نہ ڪپن. تون نہ آهين تہ تنهنجي ياد آهي- منهنجي تنهائي ناهہ تنهائي ۽ او منهنجا خدا، مون کان اهڙي غلطي نہ ڪرائج، جنهن سبب راڌا کي ڪو رنج ٿئي. منهنجو توسان اهو ڪهڙو پيار، جو مون کي مهان نہ بڻائي. چاهي تہ ڪنهن ڪتاب ۾ منهنجو ذڪر نہ ٿيندو- چاهي تہ ڪنهن کي خبر نہ پوندي تہ سحر جي محبت ۾ هڪ اِنسان فرشتو ٿي پيو....

رات جڏهن بستري تي ليٽيس تہ مون پاسي واري دري کولي ڇڏي. بابا يت پاسي منهن ڪري سمهيو پيو هئو. مون بتي وسائي. اها منهنجي عادت هئي تہ سمهڻ کان اڳ ڇڳيءَ طرح هٿ منهن ۽ ڏونن تائين ٻانهون ڌوئيندو هوس. اندران ڪن صاف ڪندو هوس ۽ ڪنن پٺيان ڪافي پاڻي هڻندو هوس ۽ آهستي اهي صاف ڪندو هئس. پيرن جون آڱريون مٿي ڪري نهن اندر پاڻي وجهندو هوس. ڪياڙي ۽ ڳچيءَ تي بہ ٿڌو پاڻي هڻندو هوس. مون کي گنجي پائڻ جي عادت نہ هُئي ۽ رات جو هڪ اڇو چوغو ۽ پتلون ۽ پيرن ۾ اڇي چمپل، سمهڻ کان اڳ ڪنگو ضرور ڪندو هوس.

ٿڌ ۾ پنکي جي رفتار گهٽ هئي. مان سڌو سمهيس تہ لڳو بدن ۾ گرمي وڌي رهي آهي ۽ ٿوري هوا سبب انگ انگ ۾ راحت ٿي آئي.

تہ اگر مون ۾ ڪو فرشتو آھي تہ يا اُن جو ھٿڻ وھم آھي يا اُن جو مون کي ڇڏي وڃڻ حقيقت آھي.

مان متي تي ھٿ ٿو رکان. مون کي لڳي ٿو تہ مون کي بخار آھي. مان ڄاڻان ٿو مون کي بخار ڪونھي. ڀھريون دفعو ڪام پنھنجي پوري زور ۽ رفتار سان، قوت ۽ نلخيءَ سان مون مٿان حاوي پيو آھي ۽ مان اُن کان نجات حاصل ڪريان؛ اُن لاءِ مون وٽ ڪو وسيلو ڪونھي. سحر جي ٽبر ۾ بہ مون کي راڌا ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ڪير آھي راڌا؟

ڪاش اچي. ٿورو وقت. بس ٿورو، مون کي منھنجي تپت کان نجات بخشي. مون کي راحت بخشي. مان آخر ڪيترو تڙپان؟- سياھ ھوءَ ايندي، مان در بند ڪندس. مان ڪيس پٽ تي سمھاريندس. اگر رڙ ڪندي تہ مان سندس وات تي ھٿ رکندس ۽ مان اُھو ڪجھہ ڪندس، جو ڀھريون دفعو ھوندو ۽ منھنجي اندر شرير جي پوري ڀانچي جي پياس ٻجھندي.

مان پاسا ٿو ورايان- ننڊ نٿي اچي. ھڪ ھوءَ آھي، ٿوري چانڊوڪي آھي. ھڪ ٽبر آھي ۽ ٿورا گل آھن ۽ مان اُن سڀ سامھون پنھنجي شرير ۽ آتما سان بنھہ ننگو آھيان.

مان پاسا ورائيندو ٿو رھان.

نہ ھوءَ ٿي اچي، نہ ھن جي چڪ ختم ٿي ٿئي. ڪاش! ھن ڪڙڪي وٽ اچي ۽ مان ڪيس ڇڪيان يا مان ئي ٻاھر ھليو وڃان.

مان آھستي اُٿان ٿو. دروازو کولي ٻيڪڙيان ٿو. وري گھر اندر وڃي انقلاب جي ٻي چاٻي ٿو ڪڍان. مان ڪاني وقت سندس گھر ڏانھن نھاري رھيو آھيان، ڪاش ٻاھر اچي. ڪاش ٻاھر اچي. يا خدا اگر تون آھين تہ ڪڏھن تہ منھنجي ٻڌ.

مون کي پڪ ٿيڻ لڳي ٿي تہ ھوءَ ايندي. مان پنھنجو دروازو کولي ٿو ڇڏيان. بتي ٻاريان ٿو. گلن ۽ اُن خالي جڳھہ تي بہ تي ڪتاب ٿو رکان. ٻئي ٻينچ ملايان ٿو. مون کي ايترو جوش آھي جو اِھي تختا مون کي نہ لڳندا.

مان بيٺو آھيان.

مان بيٺو آھيان.

" تہ پوءِ آئي تون يل وڃ."

مان اُٿيس ٽوال ۽ پيسٽ کنيم. ٻاهر آيس. ٽلهي تان اڳيان وڏي ڏاڪي تان هيٺ لٿس. ڪيڏانهن نهاريم ڪونہ ۽ تازو ٿي وري اچي بستري تي ليٽيس.

"اگر مان ڪنهن موڙ تان ڦران تہ تون مون کي آواز ڪج... سحر"

شايد هن ڌرتي کان ٻاهر پتو نٿو پوي جو آڪاش ۾ چڙهڻ آهي اهو آڪاش ۾ ڪرڻ تہ ڪونهي- تہ جو پاتال آهي اهو بہ هڪ آڪاس آهي ۽ چڙهڻ يا ڪرڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي، جڏهن تہ ٻئي احساس نظري آهن.

مان چاهيان ٿو تہ مان ان ڪوٺيءَ ۾ وڃان، جا ڪلهہ تائين مون لاءِ انقلاب هئي، هڪ مندر هئو، شايد مسجد بہ هئي، مگر هاڻ شايد هڪ لئبرري هئي، جا ڦهرين هڪ ۽ پوءِ ٻن تائين محدود هئي. انقلاب ختم ٿي ويو ۽ فرشتو انسان ٿي پيو. سورهيائي سوچ تائين محدود!

چاهيان ٿو تہ وڃان متان راڌا آئي هجي. مون کي هن جي چڪ ٿي آهي. اندر ۾ اڪير جاڳي آهي تہ ڪيس ڏسان. بس فقط پندرهن ويهہ فوٽ پري هن جو گهر آهي. مگر هوءَ نہ هوندي. هوءَ فقط مون کي ڏتارڻ آئي ۽ مون کي تيزي پاڻ هلي ويئي. هن ڏيکاريو تہ عشق ۾ منهنجي ثابت قدمي اوسيتائين هئي جيستائين اُن جي آزمائش نہ ٿي هئي ۽ آزمائش ۾ مان ڏسان ٿو تہ مان هڪ ٻئي عشق ۾ اُلجهي ويو آهيان- هن صحيح چيو: بس، هڪ نظر ۾ ختم!

مان ٻيهر منهن ڌتان ٿو. ڪنگو ڪريان ٿو. آرسيءَ ۾ ڏسان ٿو تہ اوجاڳي ۽ ڪاري ڏاڙهي، بس مان شڪل مان ڪجهہ وحشي لڳي رهيو هئس. اڪيون جي ڪنهن درويش جيان توريون وڏيون، اجيون ۽ نوراني لڳنديون هيون، اُنهن ۾ تناءُ ۽ ڳاڙهاڻ هئي. پوءِ بہ مون اُن روم جي ٻي چاٻي ڪنئي تہ ٿورو وقت خلوت ۾ گذاريان.

ڏسان تہ دروازو کليو پيو آهي. هوءَ ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. ٽنگون بينچ تي رکيون اٿس، ڪتاب پڙهي رهي آهي. ڪيس ڏسڻ سان موهڳائي دور ٿي ٿئي.

منهنجي آهٽ سان هوءَ شايد منهنجي هئڻ جو وحشت پريو

ٿي.

مگر اُن درد پرسان بنهه اُن کان مختلف راحت ماڻي سگهجي ٿي. وفا صادق پيار جي ضامن آهي مگر هئي پيار جي قوت ۽ وسعت بي وفائي نه آهي.

مان هڪ ئي سچائي کان منهن نٿو موڙي سگهان. بلڪ مان اُن کي چاهڻ لڳو آهيان.

وري هوءَ آئي، ۽ ڪوپ کڻي.

"تنهنجو فادر ڏسڻ ڪونه اچي ۽ ڀيا؟"

"حيدرآباد ۾ پرنسپال هو، ڪيس ليڪچرشپ جي اچ ايل آهي. مگر نوڪري اڃا ملي نه اٿس. ڀاءُ نائين ۾ آهي ۽ منجهند واري اسڪول ۾ داخل آهي. ماءُ آهي، اُها سمهي پيئي آهي. مون ته مئٽرڪيوليشن ڪئي آهي. فادر ٿي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا. شرت ۽ ٽئگور پڙهيو اٿم.

ڪي فارين جا رائيٽر به پڙهيا اٿم. شرت چندر ياوڪ آهي. مون کي گهٽ وٺي. مون کي ڪجهه اصل ۽ نئون کپي. ڪو به دهراءُ نه هجي."

مون آهستي چيومانس، " ته ڇا تون وري ڪڏهن منهن نه چمندينءَ!؟"

هن ڳل تي هٿ رکي نظرون هيٺ ڪيون ۽ چپ پيڙيا.

"جواب ڏي."

روز سنان ڪرڻ دهراءُ ڪونهي. ۽ ڪجن. وڌيڪ ڪجن."

"ته هڪ ڳالهه مڃ منهنجي.

"چئه."

"اچ ته هن بينچن تي ليٽي پئون."

"منهنجي جان- سر ڪٽي ڏيانءِ!"

"نه، سر نه، تنهنجو شرير کپي."

"سڀ ڪجهه هڪ وقت، هڪ هنڌ؟"

"مان شايد ڏاڍو سياويڪ آهيان."

"نه."

"ته؟"

هوءَ کلڻ لڳي.

"چڱو بابا- معافي! گوتم ٻڌ چا چيو آهي. ساڙهي نہ لاهيو" هوءَ وري بہ کلڻ لڳي.

مون سگريٽ دکايو ۽ اڳيان ٽي ڪيس ڇيم،

"هن چيو آهي: ترشنائن جو غلام نہ ٿجي. هن چيو آهي: ترشنائن جو تياڳ بہ نہ ڪرڻ گهرجي."

"تہ پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي: ٻڌم شرڻم گڇامي؟"

"نہ."

"تہ...."

"يڪي ٻولي يا حسين، هڪدم ٺهي نہ ڏجي. ڪجهہ پرت جو ڪم ڪرڻ گهرجي: ڇٽ ساليءَ جو- سنگتراشيءَ جو......"

مان ڪيس سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

"سمهي مان سگهان ٿي. توکي چاهيان ٿي. هينئر بہ چئہ تہ ساڙهي لاهي ڦٽي ڪريان. ڪنهن پهاڙ تي مان وڃي نہ آهيان، پر جيڪر چاهيان تہ ٿورو مٿي وڃان، هيٺ ڏسان. اجا ٿورو مٿي وڃان. اجا ڪجهہ مٿي. اُن ياترا ۾ سرجڻ آهي. سنتوش آهي."

هاڻ مان کلڻ لڳس.

" تہ تون چاهين ٿي سڀ ڪجهہ قسطن ۾ ٿيڻ گهرجي."

۽ هن ساڙهي لاهڻ شروع ڪئي. هوءَ اُٿي تہ رات جي ياد آئي.

"تون مون کي نٿو سمجهين تہ اَڄ...."

" نہ راڌا...."

"بس؟"

"مون کي لڳي ٿو تہ مهان اِهو شخص آهي، جو رواجي ۽ سياويڪ شخص آهي. سياويڪ ٿجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي-

مان ترشنائن جو تياڳ تہ ڪري نہ سگهندس، مگر سفر ڪندي ڪٿي بيهندس ۽ پٺيان نهاريندس."

هن ساڙهي نہ لاهي. اسين ٻئي ڪافي وقت ماٺ ويٺا رهيا سين.

"تون ٻمبئي ڪونہ وڃين؟"

"سائيڪل آهي، هتي ئي پڪندو رهيو آهيان. پڙهائي بہ پنهنجو پاڻ رهجي ويئي آهي."

"هندستان جا مسلمان هندستان سان فقط ٽن شرطن تي وفادار رهي سگهن ٿا."

"ڪهڙا ٽي شرط؟"

"هڪ ته اردو ٻوليءَ کي قائم رکيو وڃي. ٻيو ته مسلمان جو اهو حق قائم رکڻ گهرجي ته هو شريعت موجب زندگي جيئڻ...."

"۽ ٽيون؟"

"۽ ٽيون عليگڙهه مسلم يونيورسٽي جو اِسلامي ڪردار قائم رکيو وڃي."

مان کلڻ لڳس.

"تون کلين ٿو؟"

"مان ته هندستان جو پرائيم منسٽر ڪونه آهيان."

"اسان شرط پڇائي."

"شرط مون ڪٿي آهي ۽ مون کي يقين آهي ته هندستان جو عوام ٻن قومن جي اصول کي ٺٺو مچي، اِن ڪري نه رڳو مسلمان ڀائرن جا اِهي شرط مڃيا ويندا، مگر ڪين آرٽڪ ۽ سماجڪ نياءَ پڻ ڏنا ويندا."

هو مايوس ٿي ويو. چانهه پيئندي چيائين "توکي خبر آهي ته هندستان جو وڏان پاس ٿيو آهي؟"

"ها."

"توکي خبر آهي ته وڏان ۾ سنڌي ٻولي ڪونهي!"

مان چپ.

"ٻه سال اڳ هنن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي تسليم ڪئي."

اُها خبر اٿم!"

"هيءَ ڪهڙي سرڪار آهي جا اوهان جي ٻوليءَ لاءِ اُها لپي تسليم ٿي ڪري، جنهن ۾ اوهان جو ڪو ادب، تاريخ ۽ ٻيا ڪتاب موجود ڪونهن، مگر اِها ئي سرڪار اوهان جي ٻولي تسليم نٿي ڪري. اها چاهي ٿي ته سنڌي هندستان ۾ سمائجي وڃن."

"پر توکي اُن جي چنتا ڇو آهي؟"

"مان سوشلسٽ آهيان."

"مگر تو ته مسلمانن جي حقن جي ڳالهه ڪئي."

"مون سنڌين جي حقن جي به ڳالهه ڪئي."

"تہ تنهنجو بہ کو خواب آهي."

"هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن هندستان اُڪنڊ جا ماڻهو بئلٽ پيپر ذريعي ووٽ ڪندا ۽ هڪ متحد هندستان وجود ۾ ايندو."

"مگر خواب زندگي، جي پيانڪتا کي ٽڏو ڪن ٿا."

"جاڻان ٿي. ڪڏهن هتي نانگ گهمندا هئا. ڪافي ماڻهو مارياڻون. هتي سوئر هئا ۽ اجا بہ ٿورا آهن، گهڻا ٻار وات ۾ ڪٽي ويا. گيسون هيون، ننڍ اچي تہ پير چٽين ۽ پوءِ پيرن جا ٽڪر ڪاٽي وجن. دنيا ۾ سڀ کان گهٽيون نديون هندستان ۾ آهن. هتي برسات بہ مهين جا مهينا پوي. پوءِ بہ هتي سوڪ گهٽي آهي ۽ ماڻهو پاڻيءَ لاءِ لڙن ٿا، ڪين پوري زندگي هڪ خالي گهاگهر ۾. ڏسڻ اچي ٿي، اجا بہ ماڻهو هتي جي پاڻيءَ تي هريا ڪونهن ۽ ڪين ڦٽ ٿي پيا آهن. ڪين رات جو ننڊ بہ نصيب نہ ٿيندي هوندي ۽ هتي گهر ڪونهن اڪثر طنبيلا آهن..... رستي تان هل تہ پيرن مان ڪلون لهي وجن. مگر مڪاني ماڻهو سٺا آهن، هو اسان کي مهاجرن جيان ڦورو ۽ لٽيرو ڪونہ ٿا سمجهن. اسين محنت ٿا ڪريون.

ماڻهن سان نهي نکي هلون ٿا. الڳ الڳ لڳون ٿا. اِهي سڀ زنده رهڻ جون نشانيون آهن.

روي هوا ۾ ٻانهن مٿي ڪئي ۽ آهستي مگر مضبوط آواز ۾ چيائين: بولو ڀارت ماتا ڪي..... ۽ پوءِ پاڻ ئي چيائين: جئہ-جئہ....

هڪ خانگي بس لنگهي. جهٽڪا کائي هلي رهي هئي. ڇت ڪلهن تائين. تمتار ڀريل. ڪي ماڻهو لٽڪيل. هڪ وڏي جهٽڪي سبب پوڙهو وجي پريان ڪريو ۽ گول ڪلابازيون کائي پٺجي رهيو.

ڪي ماڻهو اُتي جمع ٿيا.

ڏسون تہ مئو پيو آهي.

مون سيما جي چوڻ تي، جنهن کي شايد سندس پروفيسر پي؛ ڪشنچند آڏواڻي چيو هو، مان هڪ درخواست ٺاهي ايس.اي.ايس اِسڪول جي چيئرمين وٽ ويس ۽ جنهن نوڪري جي اِنٽرويو لاءِ هڪ

مون کي بيڪانير سنڌي رفيوجي ڪئمپ، ضلع مارواڙ جنڪشن ۾ جونيئر رفيوجي آفيسر جي نوڪري وٺي ڏني. پگھار ٿي سئو سٺ ۽ آهي بہ رپيا! ڪئمپ جو نالو صبحان ڳڙهہ. اُتي ڪل چار هزار سنڌي پناهگير، جن ۾ بہ هزار واگھڙي هئا.

ٻين کي تہ ڌرمہ شالائون مليون مگر واگھڙين کي وڏين ڇٽين جيان گول طنبن ۾ رهايو ويو. ان جا پڙدا زمين کان هڪ فوٽ مٿي، پل ڪير اندر گھمي اچي. زمين واريا سي، تپي تہ جڻ تتل تئو. روز ماٺهو سوک پلي جيان پڇندا رهيا ۽ هر روز چار پنج سنڌي مرندا رهيا!

اُها آزاديءَ جي قيمت هئي!

اُتي بيڪانير جي مهاراجا جو محل نهي چڪو هئو، جنهن ۾ گھوڙن هاٿين، سهسن، پهلوانن ۽ نوڪرن جي اچهي جو بہ بندوبست ڪيل هو ۽ اُن وقت خالي هئو.

مون جواهر لعل نهروءَ کي خط لکيو تہ جڏهن تہ اُهو محل خالي آهي، اُن ۾ اجهو ڏيئي سنڌ جي آدي- واسين کي بچائي نٿو سگھجي؟

پرائيمر منسٽر نهرو اُهو خط هومہ منسٽر سردار ولڀ ڀائي پٽيل کي ڏنو. پٽيل جنهن ڇهہ سئو رياستون هندستان ۾ شامل ڪيون هيون، هن بيڪانير جي مهاراجا کي گھرايو ۽ ڪائنس خالي پني تي صحيح ورتائين. مون کي نهرو ۽ پٽيل ٻنهي الڳ خط لکيا تہ تون اُن محلات تي قبضو ڪر. مون واگھڙين کي اوڏانهن لڏايو. هو منهنجي جٺ جٺ ڪار ڪرڻ لڳا. پر پوءِ مهاراجا پنهنجي روينيو منسٽر معرفت منهنجي اُتان بدلي ڪرائي ۽ مان جڏهن بوري بسترو کڻي بس اِسٽاف ڏانهن هلڻ لڳس تہ محلات جي ڪونڙين مان آواز آيو. وير بهادر زنده باد- وير بهادر زندهہ باد..... " ۽ هن پنهنجو نالو بہ نہ ڪنيو.

" آدي - واسين جي خاتمي لاءِ مڪاني سرڪار طريقو بہ آدي- واسي قبول ڪيو هو."

هو مشڪل لڳو ۽ هن سان منهنجي ملاقاتن جو سلسلو قائم هليو.

پهريون پگھار مليو تہ سائيڪل تي اُڏاميس. سيما انقلاب ۾ ٿي هئي، مون چيو: هٿ ڪول ۽ مون پنهنجو پگھار هن جي هٿ تي رکيو. هن اُن پگھار کي پهرين پنهنجي دل وٽ، پوءِ ٻنهي اکين تي واري واري رکيو. اُن کي چميائين ۽ پوءِ اُهو واپس ڪندي چيائين، "بابا کي ڏي

# سيلف پورٽريٽ

**موهن ڪلپنا**

❖

آئيني اڳيان؟ پر ڪهڙو آئينو؟ من جو؟... پر ان اڳيان ته مان يڳن کان بيٺو آهيان ۽ مون پنهنجو بدلجندڙ روپ ڏٺو آهي. پر هاڻ مون ان آئيني کي پچي ڇڏيو آهي. هاڻ منهنجو ڪوئي اندر وارو ڪونهي. هاڻ جو مان آهيان، اهو ٻاهر آهيان. منهنجي اندر سڙيل ماس جي بدبوءِ آهي. ذهن جون تمام شمعون وسامي ويون آهن. تصوير جي ندين پنهنجا وهڪرا ڦيرائي ڇڏيا آهن. ڪلپنا جا ڦول مرجهائي ويا آهن. پکين جا کنڀ ڪٽجي ويا آهن. وڻن کي ٻاهيون وچڙيل آهن. ڪنهن گمنام ڏنڌ ۾ چنڊ، تارا ۽ آڪاش گم آهن.

شايد ڏاڍو شخصي آهيان، ان ڪري هرجڳهه تي مون کي اندڪار نظر اچي ٿو. ان اندڪار ۾ مان اڪيلو آهيان، منهنجي راهه اڪيلي آهي. راهه نه ڄاڻان ڪهڙيون راهون ڪٽين ٿيون، مون کي خود پنهنجي منزل جو پتو ناهي. منهنجي سمرتين جو سڀ پريون بيهوش ٿي ويون آهن.

اڄ مان مٽن جو دڙو آهيان. گريس جو ائٿينس، اٽليءَ جو روم آهيان. کنڊر آهيان. مون ۾ ڄارا آهن. ڪوريئڙا آهن. مان ٽڪيو پيو آهيان.

مون ۾ اجنتا جي اونده آهي، پر ڪلا نه آهي، مان شو نه آهيان. پر مون زهر پيتو آهي ۽ مان ٻڏو پيو آهيان. مان چين جي ڊٺل ديوار – مصر جو شاهي مقبرو آهيان.

مون مارڪنڊيه جي پرليه ڏٺي آهي. مان اڻ جلمٽيءَ ۾ ٻڏي ويو آهيان. مون پنهنجي من جو کير ساگر ولوڙيو پر امرت جو پيالو ڪٿي

